فتاح ملڪ

ڪنول

پاڙون

پاتال

۾...



Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

ڪنول ڀاڙون ڀاتيءَ ۾

SOORIH SINDHI ADAB

ڪنول پاڙون پاتار ۾

فتاح ملڪ

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٧٦ع

سڀ حق واسطا فتاح ملڪ، ائڊووڪيٽ، سکر، وٽ محفوظ آهن.

پهريون ڇاپو

1976ع 1000 ڪاپيون

قيمت چار رپيا

هيءُ ڪتاب ع.ق شيخ، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ، پرفيڪٽ پرنٽرس، 474.. صدر، حيدرآباد سنڌ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

دوها ١٧-١٩

وايون:

مهڙي جڳ کان بس ڀلي آ، جنهن ۾ جيءَ جهڙي ٢٣
هاڻ حياتي هلڪي ناهي، مرڪي نيٺ ليايو ٢٤
ڳاٽ جي اوچو ڳڀرو تنهنجو هردم هيج ڪري… ٢٥
اکر اکر سان ڇهڻي ڪيئن ٿا، چانڊوڪيءَ جيئن چمڪن ٢٦

گيت:

ڀڳا ڏار اڏاڻا ڳيرا… ٢٩
هرڻيءَ جهڙو من اڃا ڪجهه ڳولي ٿو ٣٠
ڏاڍي منزل دور، او سائين، ڏاڍي منزل دور ٣١
سنڌڙيءَ جا سينگار، اڃا ٻي ساڳيا ڙي ٣٣
ڇوري ڇير وڃاءِ، زمانو تنهنجو آ ٣٥
سنڌو ديس مهان، او ساٿي… ٣٧

غزل:

ترسن، تڙپن، ڇر سان ڇاتيون ٤٣
جي ديپ وسامي ويو، سڪرات هلي ويندي ٤٤
ور ور ڇرڪي، پير وڌائي… ٤٥
انڌي دنيا، ٻوڙي ڌرتي، گونگو آ آڪاس ٤٦
تون ته اڇوڪو واٽهڙو… ٤٧
جڏهن ڪونج ڪرڪي قطارون ڇڇي ٿي… ٤٨
گل گلابيءَ جهڙو ڳهاءُ… ٤٩
پنهنجو پيار پڪيئڙي جهڙو… ٥٠
جيئن ڇڪيا تي چنڊ چڙهي، ٻيو ٻوياڙيءَ جا پيار ڪري ٥٢

نظم:

پاڻيهاري: رات انڌاري تارا ٽم ٽم... ۵۳

پنهنجو پنڌ اجا پيو اڳتي آهي او انجاڻ ۵۵

سنڌو: اي سنڌو تنهنجي ڪنڌيءَ تي اڄ سارو مهينو آيو آ ۵۶

لهندڙ سج، ورندڙ پاڇا... ۶۱

گهڻا ڏينهن گذريا، وري ياد آيا... ۶۲

آس: جيئڻ جنڊيءَ جا چٽ ڏسين ٿو... ۶۴

بک: هڪڙو ٻالڪ رات رنو هو... ۶۶

سيءُ: هڪڙي جهوپي سيءُ پيو هو... ۶۸

ڪاڪ محل: ڪاڪ ڏٺي، او ڪاڪ ڏٺي، ڪيسين
رهندين ڪاڪ ڏٺي؟ ۶۹

صبح: آءُ ڪبوتر ساز سڏي ٿو... ۷۱

شهر: هن شهرجي ڪنهن ٽي ڳالهه ڪئي، هي شهر الا ڪو شهر هيو ۷۳

اڳڪٿي: مون ته مٽي تي تنهنجي پيارا، هڪڙي اهڙي
پڳ ڏٺي آ... ۷۵

جڏهن مان نه هوندس، ڪندين ياد پيارا ۷۹

اڄ ماڻهن جي لاشن جي بدبوءِ اچي ٿي... ۸۲

امن: آڏاسي تو آپ تي، هي ڪهڙو پڪي آ! ۸۵

وطن فروش وطن پرستي چاتي ناهي... ۸۷

هاري: سنڌ وطن جا هاري، تنهنجي ڪهڙي مان ساراهه ڪريان! ۹۱

ٻاراڻا گيت: امڙ، آءُ وڏيرو ٿيندس ۹۳

امڙ، آءُ هاري ٿيندس ۹۵

دستور: اسان ڪان پڇن ٿا ته دستور ڇا هي؟ ۹۸

آزاد نظم:

او صبح! ڇو نه تو اڀرين اجا! ۱۰۳

كڭول ايپاژون پاتار م

اکڙيون واسيو، چندن ٻاريو،
چانڊوڪيءَ جي گھا گھر هاريو...

ٻيٽ تہ ٻالڪ وڏڙو ٿيندو...

(فتاح ملڪ جي شاعريءَ تي مهاڳ —)

سنڌيءَ جي نئين شاعريءَ ۾ فتاح ملڪ جي شاعري انهن سينئر شاعرن کان اڳري آهي، جن جي شاعريءَ امداد حسينيءَ جي شاعريءَ کان پوءِ اکيون پٽيون. فتاح کان اڳ ۾ گدائي، نياز، دلگير، شيخ، اياز، ٻردو، شمشير ۽ امداد هڪ دور ۾ پنهنجا پنهنجا اسلوب قائم ڪري چڪا هئا، انهن سينئر شاعرن جي رعبدار آواز آڏو شاعريءَ ۾ هڪ نئون آواز اڀري، ۽ پنهنجي اسلوب کي قائم ڪري، اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم هو، ۽ اهو فتاح ملڪ ڪري ڏيکاريو.

فتاح انهن سينئر شاعرن کي پڙهيو ۽ انهن مان ڪن کان متاثر بہ ٿيو، پر ان حد تائين نہ، جو انهن مان ڪنهن ہِ هڪڙي يا ٻئي جي ٻولي يا اسلوب جي ڇاپ قبول ڪري، ٻيءَ قطار جو شاعر ٿي وڃي. فتاح پنهنجي دور کان احساس جي تيزي، ٻوليءَ جي سولائپ ۽ سلوڻائي، لفظن جي موسيقي ۽ درد رکندڙ دل- اهو سڀڪجهہ حاصل ڪيو، پر هن جو اظهار، هن جي سِٽن جي جڙت ۽ لفظن جي نچندڙ نغمگي- اهي سڀ هن جا پنهنجا آهن. فتاح جون سٽون ڳالهائينديون آهن تہ اسين فتاح جون آهيون.

فتاح جي شعر ۾ ڪي ڪي لفظ، تشبيهون ۽ ترڪيبون اهڙيون آهن جيڪي نہ هن جي همعصرن استعمال ڪيون آهن ۽ نہ هن کان اڳ ڪنهن ڪلاسيڪي يا وچين دور جي شاعر،

جيئن ”ڪوڙو ڇوڙو“، ”ٻڙو ٻاٽي ٻرت وڄائي“، ”درد هنڊايان ويٺو“، ”جيئن ڪو سينو ڇوري ڦاڙي هر جي ڦار هاي“، ”ڳهور ڳهڻا ۾ اڏري جيڙ ڪري“، ”اوڀر اولهه ڪيڏا ڪرڻا اکرن مان ٽا ايرن“، ”واءُ چنيو ڪو ٻن، اڄا ڪجهه ڳولي نو“، وغيره.

شاعري نه وڳو جذبن ۽ احساسن جو اظهار آهي، پر انهن جي ڪوجنا پڻ. — ۽ نون جذبن ۽ نون احساسن جي ڪوجنا نين ترڪيبن ۽ نين تشبيهن جي وسيلي ئي ممڪن آهي. اهو ئي شاعراڻيءَ تخليق جو عمل آهي. — ۽ فتاح ملڪ وٽ اهڙيون ڪيتريون ئي جذبن ۽ احساسن جون ڪوجنائون ملنديون.

پر شاعراڻي تخليق ۽ ڪوجنا جو اِتي انت نه آهي. نون لاڙن، نين تشبيهن ۽ استعارن جي ڪوجنا کان اڳتي لفظن کي ڪتب آڻڻ، انهن جي اچارن جي لاهه ۽ چاڙهه کي ٻروڙي انهن مان موسيقيءَ جو تاثر پيدا ڪرڻ، ۽ ان ڏس ۾ نيون نيون واٽون ڳولي لهڻ به شاعراڻي تخليق جي عمل جا حصا آهن. ڏسو ته فتاح ملڪ ان ڏس ۾ ڪهڙا نه سٺا تجربا ڪيا آهن-

اکر اکر سان ڇهڻي ڪئين ٽا چاندوڪيءَ تي چمڪن -
مستقبل تي مرڪن -

اکر اڄا ٿي اڳتي اڳتي ڪاغذ پل پيا پرڪن -
مستقبل تي مرڪن -

قلم قبولن ڪئين زنجيرون، گونگا ٿي پيا گرجن -
مستقبل تي مرڪن -

ٻيا

واءُ ڪٿي وٺي ٽيڪي سهڙي

تيلي تيلي ٻن ٻن مُڙي -
اڃڙيا ساھ سهاڻا آکرا.

هاڻ انبن ۾ ٻور ٻوي ٿو
هاڻو ٻرينءَ جو ٻور ٻوي ٿو
هاءِ ٻرينءَ جو ٻور ٻوي ٿو
دوروسن ٽا ڏار اڇا ٻيي ساڳيا ڙي.

فتاح ملڪ جي شاعريءَ ۾ اهڙيون سٽون عام جام آهن، جن ۾ جذبي جي انوکائيءَ سان گڏ اهڙي لئه (Rythm) آهي، جيڪا هن ڀاڻ ڳولي لڌي آهي.

اها فتاح جي شاعريءَ جي وڏي خوبي آهي، جو هن جي ڪم آندل سٽن جي خوبصورتيءَ ۽ موسيقيت اسان جي دور جي بزرگ شاعر عبدالڪريم گدائيءَ کي ڀڻ ڪشش ڪئي آهي. هن ڀڻ فتاح ملڪ جي طرزن ۾ سٽن تي نظم چيا آهن.

فتاح ملڪ جي شاعريءَ ۾ جديد شاعريءَ جي هڪ ٻي اهم خصوصيت اڀري آئي آهي - اها جيتري فتاح وٽ آهي اوتري شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ هجي. اها خصوصيت آهي هيئت جو ثانوي درجو. اسان جي جديد شاعريءَ ۾ شاعريءَ جو قالب رڳو قالب آهي، اڳئين دور جي شاعرن وانگر شاعريءَ جو "سڀ ڪجهه" نه آهي. نون شاعرن لاءِ اهو رڳو ماڻو آهي، پيمانو آهي، موکيءَ جو مٽ آهي - مڌ ته خيال ۽ فڪر آهي، ٻولي آهي، احساس آهي، جذبو آهي- لفظن جي لاهه چاڙهه سان اڻندڙ موسيقيءَ جو تاثر آهي.

قالبن جي ثانوي حيثيت سيني جديد شاعرن وٽ آهي- پر فتاح وٽ قالب جي اهميت جڻ آهي ئي ڪانه. هن جي

غزل ، گيت، نظم، توڙي ٻين قالبن جون حدون هڪٻئي سان انهن ئيون ملي وڃن، جو پڙهڻ واري کي خبر ئي نه ٿي پوي ته هيءَ گيت آهي جيڪو نظم جي قالب ۾ آهي يا نظم آهي جيڪو گيت جي ٻوليءَ ۾ آهي. شعر جي اصل شين - ٻوليءَ جي ماهراڻي استعمال، خوبصورتيءَ، خيال ۽ ترڪيبن- جي سري چڻ ان جي پاهرئين تي ڌيان ئي نه ٿو وڃي. چڻ شعر جا ٻول پنهنجو قالب پاڻ سان گڏ تا آڻين.

فتاح جو ماحول، فڪر ۽ موضوع ٻئي هن وقت جي سنڌ جي درد جو آلاپ آهن، هن دور جي سنڌ جي درد جي داستان آهن. انهن ۾ اسان جو محسوس ڪيل درد آهي، سنڌ جي ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو چاتل سچاتل احساس آهي. "ڀڳا ڏاو آڏاٽا ڀيرا" وارو نظم هجي يا "هي شهر الا ڪو شهر هيو" وارو نظم- هر هنڌ سنڌ جي حال جي دردناڪ تصوير ملندي. فتاح جي لاءِ "ڏاڍي منزل دور، او سائين! ڏاڍي منزل دور- پوءِ به-

"هر ڏيءَ جهڙو من اجا ڪجهه ڪوليو ٿو."

هيئين سٽن ۾ روايتي سنڌي غيرت جو عڪس ته ڏسو-

جيئن ڪڪر سان ڪوجهي اک ڪا ماروئڙن جي لڄ تڪي،
تيئن اسان جو هيٺو هڏ پي واسينگن جان وار ڪري.

فتاح جي اهڙي قسم جي شاعري ۾ مارچ جي سورمن کي سلام ڪري، اڳتي وڌندي، "سنڌو ديس مهان" تائين وڃيو پهچي. سندس نظم "رات انڌاري اٿارا ٿر ٿر" ذهني گهٽ ۽ ٻوسات واري دور جي چٽي تصوير آهي.

فتاح جي انفراديت ۽ اصليت ڏسو-

جيئن جنڊيءَ جا ڇپ ڏسين ٿو
ڀا ڪا مهٽي ست ڏسين ٿو،
جيئن دليءَ جا ڪور ڏسين ٿو
ڀاتالن ۾ ڀور ڏسين ٿو،
جيئن سرنهن جا گل ڏسين ٿو
هٻڪارن جا هل ڏسين ٿو...

مٿين سٽن ۾ جنڊيءَ جا ڇپ، مهٽي ست ۽ دليءَ جا ڪور، انهن کان پوءِ هٻڪارن جا هل واري ترڪيب، خوشبو جي آواز ۾ بدلجي ”هل“ ڪرڻ واري ڪيفيت، حسياتي شاعريءَ جو تمام سٺو مثال آهي. اهي ڳالهيون آهن جن جي ڪري فتاح جي شاعريءَ جو اسلوب نرالو ٿي پيو آهي.

ساڳئي نظم ۾ هڪ ٻي تشبيهه ڏسو-

جيئن ٽڪا طوفان ڏسين ٿو
ٻا ڪي وڙهندڙ سان ڏسين ٿو
اهڙا پنهنجا جيءَ جهنجهوڙا
ڄڻ ڪنهن مائيءَ ڏڌ ولوڙا.

مٿي هڪ شعر ۾ ”هٻڪارن جا هل“ جي ترڪيب ڪم آندي وئي آهي. ان ۾ خوشبو آواز ۾ مٽجي ٿي وڃي. هاڻي هن شعر ۾ رنگ جي آواز ۾ بدلجڻ جي ڪيفيت ڏسو-

منهنجا ٻالڪ، دور افق تي سرخي ساز وڄائي ٿي،
ڳاڙها ڳاڙها ڪنهنبي جهڙا ڪنوارا گيت ڳائي ٿي.

سرخيءَ جو ساز وڄائڻ ۽ ڳاڙها ڪنهنبي جهڙا ۽ ڪنوارا گيت ڳائڻ حساتي فن به آهي ته نظرياتي اهڃاڻ (Symbol) پڻ، جيڪو ايندڙ دور جي خوشحاليءَ ۽ خوشيءَ

جو احساس ڏياري ٿو.

فتاح جو نظم "بک" نه رڳو هڪ دکدائڪ منظر پيش ٿو ڪري، پر پنهنجي دور جي حالتن جو ڳوڙهو اڀياس پڻ آهي. هن نظم ۾ آيل تشبيهون ۽ تصويرون دل ۾ چور ڪيو ڇڏين-

جوڻن سرڪ جي ٽڙڪيل ٽاري، اهڙا آيل انگ هئا.

اهو شعر فقط اهو ئي ماڻهو سگهندو، جنهن سنڌ ۾ سرڪ جي منڊ ۾ وٽڻ جي اگهاڙين ٽارين کي سيءَ کان ٽڙڪيل ڏٺو هوندو. ساڳئي نظم ۾ هيءَ تصوير ڏسو:

پنهنجي چوڏي جهڙي ڇاتي ڏئي پئي صاف سڀاڻي کي-

بکن کان پاهه ٿي ويل ماڻهو جي سڪل لڙڪيل گهنج پيل ۽ ڪارانجي ويل "چوڏي جهڙي ڇاتي"— هي ٻه سٽون ان نظم کي ڪيڏو نه گهرو تاثر ٿيون ڏين!

اهڙو ئي وڏيندڙ تاثر فتاح جي نظم "هڪڙيءَ جهوپڙيءَ سيءَ پيو هو" ۾ ملي ٿو. جڏهن غربت کان بيحال ٿي، سيءَ ۾ ڏڪندڙ ڪٽنب جا پار پنهنجي ٻيءَ جي اگهاڙي جسم مان ٻه گرمي حاصل ڪري نه ٿا سگهن ۽ چون ٿا:

تنهنجا انگ اگهاڙا آهن
سارا انگ ڪهاڙا آهن.

فتاح جو نظم "چار جوڻا ڳر" هڪ نئين طرز جو اهڃاڻي نظم آهي. ان جو رڳو بحر، وزن ۽ قالب پراڻو آهي. ان جو ترنم پنهنجو آهي، ٻولي پنهنجي آهي، ۽ اهڃاڻ (Symbol)

بلڪل نوان آهن. تاس جا پتا- اهي هن زماني جي ماڻهن جا اهڃاڻ بنجي وڃن ٿا. انهن ۾ "گواي" جو ڪردار جيئرو جاڳندو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. فتاح جو اهو نظم سنڌيءَ جي اهڃاڻي شاعريءَ ۾ مٿيري جاءِ تي رکڻ جهڙو آهي.

فتاح جو نظم "سچ نه پوڙهو ٿيندو آهي" سچي جو سچو حوالي طور نقل ڪرڻ جهڙو آهي. هن نظم ۾ سنڌ جي پيڙا کي ڌرتيءَ جي پيڙا سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. هن ۾ 'ويٽنام' ۽ 'لومبا جي وستي' کان وٺي، هوشوءَ، هيموءَ، حيدر بخش جتوئيءَ ۽ جي. ايم سيد جي جدوجهد کي وسيع ڪينواس ۾ سمايو ويو آهي. هي نظم تاريخي سچ، سدا جوان سچ، سدا وڌندڙ سچ ۽ سدا سهڻندڙ سچ جو سنيهو آهي. جيڪي اکيون ان سچ کي نه ٿيون سڃاڻن، اهي خالي ڏانڊا ٽانو ٿين ٿيون.

اهڙي ناهي ته فتاح وٽ رڳو سنڌ جي سورن جي اظهار آهي، هن وٽ آئيندي جي سوچ پڻ آهي. سندس اهڙيءَ سوچ جو اظهار به پنهنجو آهي. هن وٽ مستقبل ۾ اڻ ٽٽ ايمان آهي. پاڻ هجي يا نه هجي، توڻ مان هجون نه هجون، تڏهن به انسانيت جو مستقبل روشن آهي. ان لاءِ هن جو اظهار اجهو هيئن آهي:

تون پنهنجي ٿي چاهت جو محتاج هوندين
وڏيل سر جو رلندڙ ڪوئي تاج هوندين.
جڏهن مان نه هوندس.

هنن سٽن ۾ "وڏيل سر جو رلندڙ تاج" هڪ مڪمل تصوير آهي. اها تصوير آهي آئيندي جي انقلاب جي. انهن کان سواءِ فتاح جيڪي ٻارن لاءِ گيت لکيا آهن، انهن ۾

طبقاتي نفسيات جو اونهو تاثر آهي. وڏيرڪي ٻار جي سوچ ۽ پورهيت جي ٻار جي سوچ ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي. هاريءَ جو ٻار سيءَ ۾ ٺرڻ کان، سندس پاڻ ۽ پيٽ سيءَ ۾ ٺري، مري، ڪري ٿو. ان ڪري هو پورنگين جي وجود کي ختم ڪرڻ ٿو چاهي، سڄي طبقاتي سماج کي ختم ڪرڻ ٿو چاهي.

هن دور جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي مٽيءَ سان محبت ۽ ان جي مستقبل لاءِ جدوجهد جا موضوع سڀني شاعرن وٽ آهن. اها هن دور جي شاعريءَ جي وصف آهي ته ان ۾ اهڙا موضوع ۽ اهڙا مضمون هجن. پر رنگ هر شاعر جو پنهنجو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ذات ۽ پنهنجو پنهنجو ڏانءُ آهي. فتاح به پنهنجو رنگ ۽ پنهنجو اسلوب گهڙيو آهي. هن مهاڳ لکڻ جو مقصد هئو ته فتاح جي شاعريءَ ۾ ڪن اهڙين خصوصيتن ڏي اشارو ڪرڻ، جن فتاح جي شاعريءَ کي نرالو بڻايو آهي.

- تنوير عباسي

سرمد جو گهر،
خيرپور —
١٤ مئي ١٩٧٥ع

ڪجهه پنهنجي طرفان

شال مان اهو سيڪجهه، ڇئي سگهيو هجان جيڪي چوڻ چاهيو ٿم. پر مان سمجهان ٿو ته مان اهو ڪجهه به نه چئي سگهيو آهيان، جنهن کي چوڻ جي چاهت لونءِ لونءِ ۾ اڄ پڻ پيدا ڪندي رهي آهي. مان سمجهان ٿو ته دنيا جو ڪو به شاعر، اديب يا فنڪار، جيڪو سچ، سونهن ۽ سوڀيا جو متلاشي هجي، ڪڏهن به اهو ڪجهه، چئي سگهيو هجي، جيڪي هن جي دل چوڻ چاهيندي هجي. شايد اهائي نه چئي سگهڻ جي اڃ هر شاعر ۽ فنڪار کي رڃ ۾ رلائيندي ۽ ڇوائيندي ٿي وتي. جيڪڏهن ڪوئي شاعر اهو سڀڪجهه، هڪ ئي وقت چئي وجهي ته جيڪر فڪر ۽ فن جو انت اچي وڃي. ۽ فنڪار پنهنجي آدرش جي ڪنڊ ڪوهه جي لوئين وانگر ڦرندو نه رهي. ۽ پوءِ دنيا مان هر سچي فنڪار جي ڪوڻ ئي پوي.

چاڪاڻ ته شاعر ڪنهن به وقت ماضيءَ کي پانهن ڪان جهلي اورتي آڻي سگهي ٿو ۽ مستقبل کي وارن ڪان وٺي ان جو اندر اورانگهي سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو اسان جي شاعرن جيڪي چيو آهي اهو ٿيو آهي- جهڙيءَ ريت اياز چيو آ ته ”تون اندو آن، آءٌ ڏسان ٿو ڪنوڻين جا سڀ کيل“- ”تون ٻوڙو آن آءٌ ٻڌان ٿو قدمن جو آواز“ وري ٻئي هنڌ چيو اٿس ته ”منهنجا گهوڙا گهاٽي ويندا توکي سنبن سان.“

هن شعر وقت ايـاز فقط پنهنجي قـوم جي نمائندگي ڪانه پيو ڪري، پر دنيا جي هر مظلوم قوم جو طرفدار ٿي اڳڪٿي پيو ڪري ۽ مستقبل شناسيءَ جي دعوي پيو ڪري.

مون جيڪي ڪجهه لکيو آ، اهو نسورو سچ آ ۽ پنهنجي هڪ هڪ اکر کي آءٌ چڱيءَ ريت سڃاڻان. مان اهو سڀڪجهه ٻڌائي سگهان ٿو ته مون ڪهڙو شعر ڪهڙيءَ ڳالهه مان متاثر ٿي، ڪهڙيءَ ويل لکيو ۽ لکڻ وقت منهنجي ڪيفيت ڪهڙي هئي. هر سچو شاعر پنهنجي لفظن کي سڃاڻي سگهي ٿو. جيڪڏهن هن جي شعرجي زبر زير ۾ ڪو ڦيري وجهي، ته پنهنجي شعر تي آڱر رکي ٻڌائي سگهندو ته هت زبر ۽ هت زير، هو پنهنجي لفظ لفظ سان پيار ٿو ڪري. ڇاڪاڻ ته شاعر جي ڪيفيت شعر لکڻ وقت بلڪل اهائي هوندي آهي، جيڪا ڪنهن ماءُ جي جنم ڏيڻ وقت اسان. اهي شعر ڄڻيا آهن، ٺاهيا نه آهن.

مثال طـــور جڏهن اياز ۽ ٻنيءَ کي گرفتار ڪري يحيٰ خان جي جيل ۾ وڌو ويو، تڏهن مون ”رات اونداري ۽ تارا ٽمر ٽمر، پوسٽ پوسٽ ساهه منجهي ٿو“ لکيو. ان وقت مان پاڻ کي بلڪل هيڪل ٿي پاتيو. جڏهن اسان ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ٿي هلائي، اهو وقت اهڙو هو، جڏهن سياستدان سمهي پيا هئا، ۽ نوجوان نسل کي آفيم جهڙيون گوريون ڏيئي، فلمي هيرو ٿيڻ جا خواب ڏيکاريا پئي ويا. اهو دور سن ١٩٥٨ع کان ١٩٧٠ع تائين قوه، جوانيءَ ۾ هئو، جو ملڪ ۾ فوجي آمريت جو پوٽ، ون يونٽ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ، پنهنجي ٽئنڪن، جنگي جهازن ۽ ٻين انسان دشمن حربن سان، بلڪل هٿيار بند ٿي، سنڌ جي مظلوم ۽ هٿين خالي عوام آڏو اچي بيهي رهيو هو. ان وقت سنڌ جا ماڻهو

هيڏي وڏي جبر کي منهن ڏيئي نه سگهيا ۽ پاڻ کي بلڪل اڪيلو ٿي سمجهيائون. اهو وقت بلڪل اهڙو ئي هيو، جهڙو امداد حسينيءَ پنهنجي شعر بعنوان ”حملو“ ۾ پڌايو آهي ۽ جنهن جي فقط هڪ سٽ بلڪل لافاني هئي، جنهن مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. اها هئي ”ڪا ته هن شهر جي دلبر جي جواني هوندي!“ منهن جي آڏو لفظ ”شهر“ اٺين تري آيو جنهن سنڌ جا صدين کان آباد شهر اڏيا ۽ ڊهندا هجن. منهنجي آڏو سنڌ جي سموري تواريخ اکين آڏو تري آئي، موهن جو دڙو، اروڙ، برهمڻ آباد، سيوستان، خدا آباد، مياڻي ۽ ڪرڙيءَ جا ميدان، مون کي جتي ڪٿي هڪ عجيب قسم جي ويڙهه نظر آئي. جيئن اياز چيو آهي ته ”سنڌ جي سينڌ ۾ پنجي وڃي گهوڙا گهوڙا“ - بلڪل اٺين مون کي اروڙ تباهه ٿيندو نظر آيو. خدا آباد ۽ ٺٽيءَ کان وٺي سڄيءَ سنڌ کي مدد خان جا گهوڙا لتاڙيندا نظر آيا، نادر نظر آيو، شاهه بيگ ارغون ۽ ان جا ڇاڙتا نظر آيا، انگريز ۽ ان کان پوءِ ان جا حواري نظر آيا، جي هر آباد شهر جا دريون دروازا ڀڃيندي نظر آيا. ۽ مون، پنهنجو شعر ”شهر“ اهڙي پس‌منظر ۾ پڙهندي لکيو.

اسين نه ڪنهن کي تعصب جي نظر سان ڏسون ٿا ۽ نه نفرت سان ڪو ناتو رکون ٿا. اسان فقط پيار جو پرچار ڪيو آهي. اسان ڪنهن کان به رنگ، نسل، مذهب يا زبان جي ڪري نفرت نه ڪئي آهي. اسان فقط زبان ۽ مذهب کي استحصالي هٿيار جي روپ ۾ برداشت نه ڪيو آهي. زبان سڄيءَ دنيا جي انسانن جي فقط هڪ ئي آهي. اها بين الاقوامي ۽ آفاقي آهي. اها غير طبقاتي آهي. اها انسان جي انسان هٿان استحصال، ڏاڍ، بک ۽ اوگهڙ کان آزاديءَ جي پڪار آهي، ۽ خاموشيءَ جي لڪل رڙ وانگر هڪ للڪار

آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن جي ٻه زبان ساڳي آهي. باقي جيڪا ٻه زبان استحصالي طبقي جو هٿيار ٿي، جنهن جو ٻيٽ ڪوڙ خاطر، ٻيبي يا سهدياڻي ٿي. اسان کان اڳري ٿي ايندي، ته اسان کي ان کان نفرت ڪرڻ لاءِ مجبور ۽ لاچار ڪيو ويندو. ٻرماريت جو هٿيار ۽ حيلو وسيلو ٻه اوترو ئي ڏڪار جوڳو آهي، جيترو ٻرمار ڪندڙ طبقو.

اسين نه درٻاري آهيون، جو قصيدا لکي گذر سفر ڪريون، نه ايران ۽ عرب کان اڪر ٻني، پنهنجي ثقافت جي لاش تي ويهي افغاني ڏنڊڻ ڏيون. اسان جي ٻولي، اسان جون تشبيهون، اسان جون تجنسيون، پنهنجي ملڪ جي مارئيءَ جي وارن ۽ وڻيل، ۽ ٿوهر جي ٻاڙ ۾ ڪتل آهن. اسان ٻهريائون پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي استحصال کان ڏک پرائي، انهن جو طرفدار ٿي، لکيو آهي، پوءِ دنيا جي هر مظلوم قوم جي ٻاران لٽ ڪٽي ٻيٺا آهيون.

اسين ڪٽي ٻه ٻڪ ڏسي نٿا سگهون. طبقاتي ناهمواري برداشت نه ٿا ڪري سگهون. اسين هر ڪنهن کي هڪجهڙو انسان ڪري ٿا سمجهون. مذهب اسان کي خالي ٻيٽ سان اٿين لڳندو آهي جيئن ٿر ۾ ٿوهر. اسان کي انسان جو انسان جي مٿان مذهب خاطر مرڻ پسند ڪونه آهي، مان نه ٿو سمجهان ته خدا ٻه جيڪر ائين چاهيندو هوندو. اسين فقط جيئڻ خاطر جنگيون برداشت ڪري سگهون ٿا. اسين جنهن سهل لکون ٿا ته اسان کي ملڪن جا نقشا ڪچا ڏاڍا لڳندا آهن، ۽ فقط ماڻهو نظر ايندا آهن- بکن ۾ مرندڙ ماڻهو، عصمتون لٽجندڙ ماڻهو، سياستدانن جي هوس اقتدار جا ماريل ماڻهو، اسپتالن ۾ بنا دوا جي مرندڙ ماڻهو، اگهاڙا ماڻهو، بيروزگار ماڻهو، فقط ماڻهو نظر ايندا آهن. ان وقت اسان کي راڄا،

پينو ۽ گداگر نظر ايندا آهن، ۽ سيءَ کان اُٺ جي ڇڏن ۾
بار لڪائيندڙ ماءُ سنڌ جهڙي بيوس ۽ لاچار نظر ايندي آهي.
اسان آن جي هنج ۾ مامتا کي ڇهي ڏيندا آهيون. منهنجا
"ٻڪ"، "هڪڙي جهوپي سيءَ پيو هو" ۽ "اوصبح" اهڙي
قسم جا تاثر آهن.

اسين هڪٻئي کان به متاثر ٿيا آهيون. جهڙيءَ ريت
مون ٻڌايو ته مان امداد جي شعر جي هڪ سٽ کان تمام
گهڻو گهائل ٿي پيس. اهڙيءَ ريت مون کان به 'گدائي' جهڙو
جهونو جوکي متاثر ٿيو، ۽ منهنجي ٻن شعرن جو تتبعو ڪيو
اٿس. هڪڙو "سنڌڙيءَ جا سينگار اڃا ڏي ماڳيا ڙي" ۽ ٻيو
"شهر". دراصل اسين رڃ ۾ پاڻيءَ جي ڳولا ڪندڙ هڪ ئي قافلي
جا مسافر آهيون. اسان جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ منزل
لطيف آهي. اسان جو انسان جي عظمت ۾ عقيدو آهي ۽
مستقبل ۾ پنهنجي آدرش جي فتح تي يقين آهي. هڪڙو
ڏينهن ضرور ايندو جڏهن دنيا مان ڏک، افلاس، ناهمواري،
۽ سياسي ۽ سماجي استحصال ختم ٿي ويندا، ۽ اسان جو انسان
بلڪل آزاد هوندو، ۽ هو جيڪي چوڻ چاهيندو بلڪل بنا ڪنهن
خوف جي چئي سگهندو. ڪاش مان اهو سڀڪجهه چئي سگهيو
هجان، جيڪي چوڻ چاهيو ٿم.

آخر ۾ ڪجهه انهن ساٿين ۽ دوستن جو ٿورو مڃڻ به
ضروري ٿو سمجهان جنهن مجموعي جي اشاعت ۾ مون سان
مدد ۽ معاونت ڪئي. رشيد ڀٽي نه رڳو مفيد مشورا ۽ صلاحون
ڏنيون، پر ڪتاب جي ترتيب به سندس محنت جو نتيجو آهي،
جنهن لاءِ آءٌ سندس ٿورائتو آهيان. تنوير عباسي سچي شعر

جو مطالعو ڪري ان تي مهاڳ لکيو آهي. ان لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان. پڇاڙيءَ ۾ سنڌي رائيٽرس ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي ساٿين جو ٿورو مڃڻ ضروري ٿو سمجهان، جيڪي منهنجي هن پهرئين شعري مجموعي کي شايع ڪري رهيا آهن.

والس روڊ، سکر سنڌ.
٢٣ مارچ ١٩٧٦ع

— فتاح ملڪ

دوها

ويٺو آهي سر سنڀايو آهي ڪٽ ڪماڄ

مان تہ آهوئي تنهنجو پنهنجو آهيان او انجاڻ،
تنهنجا سور سنڀاريان ويٺو، سون کي آهہ سڃاڻ.

••

توتي دشمن داءُ ڪيو تہ ٻہ منهنجو روح رڙيو،
تنهنجو وار ونگو ڪيئن چاهي منهنجو چت چريو!

••

ٻادل ٻڻجي، رُڻندو رڙندو، وڙهندو ويـر وڻان،
طوفانن ۾، ٻرساتن ۾، توسان سات ڏيان.

••

پنهنجي منڙي ننڊ ڦٽائي، توکي هير ڏيان،
آءُ مان اذري، ماڪ وسائي، تنهنجا ڳل چمان.

••

هيڪل هيڏي ٻـر ۾ ٻيهي، تنهنجا ٻند ڀڃان،
پويان جهاتي تو ٻہ نہ پاتي، ڪيڏيون ساهہ سڪان!

••

ڪوڙو چوڙو ڪاٻہ نہ ڀائي، منهنجو ملڪ آهو،
ٻنڙو ڀاڻي ڀرت وڇائي، تنهن ڪان موت ڀلو.

ڪير تو چاڙهي، ڪڏهين لوڙهي، لهوارن کي سِرِ ،
سڙهه سنڀاري، ونجهه هٿي وٺ، ڪهڙي زنجيرَ .

••

آءٌ وڪوڙي ويهي توکي، هنج پري مهراڻ ،
مان به ته لڙڪي لڙهندس گڏ، جيئن چوڏس مان چانڊاڻ .

••

سَين لڳي آ جڏهين تنهنجي ، تڏهين راءِ ڏياجُ ،
ويٺو آهي سر سنڀاهيو، آهي ڪٿ ڪماچ !

••

ڪنڌ ڪپي ڪو ڀَلجان منهنجو، تنهنجو نانءُ ڪٽي ،
باقي تنهنجي دشمن خاطر ، مون وٽ هوڏ گهٽي .

••

ڪيڏو درد هنڊايان ويٺو ، تنهنجو پيار جهلي ،
جيئن ڪا مينو چيري ڦاڙي هرَ جي ڦارَ هلي .

••

ڌرتيءَ جهڙي ڇاتي منهنجي ، جنهن تي مُورِ سلو ،
اپريو ڇا ، پر لڳي پي ويو ، ته پوءِ جنڊَ ڏريو .

••

موت نه مون کي ماري سگهندو تو بِنَ ، ڇا به ڪري ،
ٻڇيون ، ڀالا ، تير وسائي ، توڙي باههَ ٻري .

••

چنڊ آهوئي چمڪي ايندو ، ڀل ڪا رات ٻوي ،
ترڪي، کسڪي، نڪري ايندو، جهڙُ مان چير ڪري .

رات لتاڙي، نڪري ايندو، راهي راهه سڄاڻ،
تون ٻي ٻير ٻري آ ٻيارا، وقت وڏو مانداڻ.

••

ٻر جي تو وٽ زهر هجي ڪا، ٻل ما اوري آڻ،
توکي پنهنجو ساه، ڏيان سان، هڪڙيءَ سُرڪيءَ سان.

••••

وايون

ھھڙي جڳ کان ٻس ٻلي آ، جنھن ۾ جيءُ جھُري ۔

هڙي جڳ کان بس ٻالي آ، جنهن ۾ جيءُ جهري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

جڳ جا جوڙ آهي ئي سا ڳيا، ڪنهن ۾ نه سارَ سري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

گهوڙي آيل گهوٽ ڪسي ويا، چاچي هنڌ ٻري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

ڏينهن ڏٺي جو شهر ڦري ويا، ڪيڏا قهر ڪري!
جڳ جو جيءُ ڳري.

ٻاڻ تڏي تي هيڪل ويٺي، ڪيڏا نيرَ ڪري!
جڳ جو جيءُ ڳري.

هيڏا وارث ٻــو پيي، چوري! واهرَ ڪان وري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

هڙو جوين، هڙي حسرت، گهونگهٽ منجهه مري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

سنڌڙي سينڌ وڃائي ٻو پيي، سارنُ ڪاڻ مري،
جڳ جو جيءُ ڳري.

آهي ڪو جو گهور گهٽا ۾، آڏري ڇپر ڪري؟
جڳ جو جيءُ ڳري.

هاڻ حياتي هلڪي ناهي، مرڪي نيٺ نپايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.
ڀيو جي راڳ رڳن ۾ ناهي، گيتَ خوشيءِ جا ڳايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.
ڪوئي ناهي جي ڪو همغم، ڳوڙهن سان ڳالهايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.
ڀيو جي رنگُ محبت ناهي، خون لڱن سان لايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.
ساقي سمجھ ڀريا جي آهيو، آڻيو زهر ورهايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.
سنڌڙي سونهن اهائي آهي، تنهن کي لايو سجايو،
پنهنجو مَنُ پرچايو.

ڳاٽُ جي اوچو ڳيرو تنهنجو هردم هيج ڪري ،
منهنجو هنياءُ ٺري .
ميدانن ۾ مست رهين شل ، وڍ-رڍن وارَ ڪري ،
منهنجو هنياءُ ٺري ،
اڪ عقابن واري تنهنجي ، ڳهاٽي گهور ڪري .
منهنجو هنياءُ ٺري .
هٿُ هميشه واٺلُ تنهنجو ، ڪُهه ٻوءِ ڪاڪ ڪَري ،
منهنجو هنياءُ ٺري .
ٻاهه ٻنيوران ٻارين جي تون ، سارو رڪ رڙي ،
منهنجو هنياءُ ٺري .
ڪوٺَ ڪڙا ڪجهه ناهن ، جي دل مارُن ڪاڻ مري ،
منهنجو هنياءُ ٺري .

اڪر اڪر مان ڇُهني ڪيئن ٿا، چانڊوڪيءَ جيئن چَمڪَن!
مستقبل تي مَرڪَن!
ڇا ڇا نُور نچوڙي آيا، جيءَ منجهاران جَرڪَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
اڪر اڇائي اڳتي اڳتي، ڪاڳر پَلُ پيا پَرڪَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
قلم قبولن ڪيئن زنجيرون، گونگا ٿي پيا گَرجَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
سارا سينا ڇيهُون ڇيهُون، ٻر هي ڪيڏو ڪَرڪَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
انسانن جي آزاديءَ لءِ، ارڏا ٿي ٿا آٽڪَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
ڪنهن جي سيني سمنڊ سموئن، بادل جيئن ٿا پَرجَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
لوهه لهي سپ ويندا ماٽي، ٽيندو سو، جو آڪرَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
اوڀر اولهه ڪيڏا ڪرڻا، اڪرن مان ٿا آپرَن،
مستقبل تي مَرڪَن.
واهه جا ويري، ڇر جا ڇاڙو، جلي جلي ٿا جَرڪَن،
مستقبل تي مَرڪَن.

گیت

سنڌڙيءَ جا سينگار، اڃا ٻي ساڳيا ڙي.

ٻڳا ڏارَ اڏاڻا ڪيرا،
ڊاهي ويا ٻڪيڙا ٻيرا.

واءُ ڪٽي وئي سيڪي سهيڙي،
تيلي تيلي، ٻَنُ ٻَنُ ميڙي —
آجڙيا ساهَ سباڙا آکيرا.

سانجهه وري آ، پياس وڌي آ،
واهيرن ٻي سارَ لڌي آ —
آڌريا ساجن، آجڙيا ديرا.

پينگي پونگي مَنَ جي آهي،
چٺنگ وسامي رک ٿي آهي —
وسميا دونهان مَنَ جا سيرا.

وانڌا ويري، وانڌا ماري،
ڪانَ آچايل، ڦٽڪي ڇاري —
ويرانن ۾ وانڌن ڦيرا.

هيڪل جندڙي، ڏيهَ ڏهاڳي،
تند تنواري ڪيئن ڪو راڳي؟
ٽٽي تند ۽ ڇرڪيا ڇيرا...
ڊاهي ويا ٻڪيڙا ٻيرا.

••••

هرڻيءَ جهڙو مَنُ اجا ڪجهه ڳولي ٿو،
ٻرسيو توڙي ٻَنُ، اجا ڪجهه ڳولي ٿو.

ساري ساري رات وتو هو،
ساوڻ پوپي ڪنهن نه ڏٺو هو —
جَلُ ٿَلُ ۽ جوڀَنُ، اجا ڪجهه ڳولي ٿو.

هر هنڌ ڏاڍا ڦوڳ ڦلهاريا،
ڳاڙها ڳاڙها نيرا ساوا —
واءُ ڇنيو ڪو ٻَنُ اجا ڪجهه ڳولي ٿو.

ٻانڊيئڙن مان ڪنهن ته ڇيو هو،
ٻير ٻرينءَ جو واءُ لٽيو هو —
بيهُه گهڙي ٻل ڪَنُ، اجا ڪجهه ڳولي ٿو؟

ڪانڀاٽيءَ مان ڦيري آڇليو،
ڪير چوي پو ڪِٿ هو ڍوليو —
ويڙاڳيءَ جان مَنُ اجا ڪجهه ڳولي ٿو.

••••

ڏاڍي منزل دور، او سائين، ڏاڍي منزل دور...
او سائين، منزل آهي دور.

ڏينهن ٿڪو ۽ سانجهي سهڪي، رات ٻه، آخر روئي پئي،
هلندي هلندي، هر ڪا آشا آخر هٿڙا ڌوئي ويٺي،
ماڪَ ڦڙيءَ جا سُڏڪا ساري، آئي ننڊ اگهور...
او سائين، منزل آهي دور.

ڪيئي لڳ لاڳاپا ها جي، ٻَرَ ۾ ٻيهي ڪين سگهيا،
ڪيئي ساٿي ساٿ هليا ۽ آخر ٻوڏين ٻير پيا،
هيڪل هاڻي، تڙپي ڏاڍي، پنهنجي مَنَ جو سُور...
او سائين، منزل آهي دور.

ڪوجها ڪندا، ڪوسي واري، پيرا گهاڙا ڪيئن هلَن؟
ڪوڙا سپنا، ڪوڙيون سوچون، هٿڙي ٻاچا ڪينءَ ڀَون،
هاءِ حياتي! پل پل تنهنجو، ڪوڙو ڪوڙو ڀُور...
او سائين، منزل آهي دور.

راتو ڏاڍو، رڇ ٻه ڏيي، رڻ جا رستا ڏاڍا اوکا،
ساعت ساعت سڏڪي جهڙي دل ٿي دل جا دل سان دوکا،
ٻَرَ ۾ چڻ ڪو وينجهي وڃو، تار سوا تنبور...
او سائين، منزل آهي دور.

هيڪر ڇاهي اڳتي هلجي، ٻيهر ڇاهي ڪانگ اُڏائي،
هاڻ تتو آ نيٺ ته ٽرندو، واريءَ ۾ ٻُور ٻچائي،
ڪنهن پر پنهنجي مَن کي ماري، ڪنهن ۾ آ وهلورُ...
او سائين، منزل آهي دور.

سائين، هاڻي آهي ڪو جو ٻره پري ڪان آڻي اوري،
اوندهه آڏيو آ ڪيرو جو، تنهن جي تيلي تيلي ٻوري،
سِرَ جو سانگو ڪوئي لاهي، سوچي پيو منصور...
او سائين، منزل آهي دور.

••••

سنڌڙيءَ جا سينگار،
اچا پيي ماڳيا ڙي.
وه واه ميگهه ملهار،
اچا پيي ماڳيا ڙي.

اڪڙيون آليون مينهن وسن ٿا،
جهڙَ جا پاچا ڏينهن لڳن ٿا-
ورهـ سندا ويچارَ،
اچا پيي ماڳيا ڙي.

چانيا چاوا، ڪڪون نسريون،
ڪير چوي تو ماڪيون مصريون-
پنهنجا درد هزار،
اچا پيي ماڳيا ڙي.

هاڻ انبن ۾ ٻُور پوي ٿي،
هاءِ پيرين جو ٻُور پوي ٿو-
دور وسن ٿا ڏار،
اچا پيي ماڳيا ڙي.

سرتيون سنيريون ٻانھن ھلائي،
ڪلنديون ڪجنديون نينھن لڳائي.
واسينگن جيئن وارَ،
اڄا پي ساڳيا ڙي.

اڪڙيون واسيون چندن ٻاريو،
چانڊوڪيءَ جي ڳھا ڳھر ھاريو.
چانڻ اڄن تا يارَ،
اڄا پي ساڳيا ڙي.

گوريءَ گنگھرو آپ سان آيا،
پيرھَ پسي ڪان چشمن چايا.
سرتين جا سينگارَ،
اڄا پي ساڳيا ڙي.

ڏاگھ مٺان ڪا وار وڇائي،
ڪير ستيءَ سان سينو ساھي.
دشمن ڏارون ڏارَ،
اڄا پي ساڳيا ڙي.

••••

ڇوري ڇير وڄاءِ،
زمانو تنهنجو آ.
محفل مست بڻاءِ،
زمانو تنهنجو آ.

ڪالهه ٿي تو جي نير وهايا،
مُنڙي تن مان موتي ڇايا -
هار ڳچيءَ ڳل لاءِ،
زمانو تنهنجو آ.

ڪنوارا ڪنوارا گيت ٻُڌائي،
جاڳرتا جي جوت جلائي -
ٽاٽي تند تپاءِ،
زمانو تنهنجو آ.

تنهنجون اکڙيون ڏاڙهونءَ مکڙيون،
مات مچيندڙ وٻريءَ وڏڙيون -
گهري گهوري گهاءِ،
زمانو تنهنجو آ.

ڳيت اڌورا ڪالهه هيا جي،
ٻاٺهين ٻورا هاڻ ٿيا سي -
جهڙا ٿهڙا ڳاءِ،
زمانو تنهنجو آ .

توته لڳايون لونءِ اونءِ لاتيون،
ڏاڍ ڏکن ٿا، چرڪن ڇاتيون -
هيٺا هٿ وڏاءِ،
زمانو تنهنجو آ .

جيئن ميرنهه جا منگ اُڏن ٿا،
تيئن چپن تي چنگ چُرن ٿا -
لڳ لڳ لُوهه لڳاءِ،
زمانو تنهنجو آ .

واچوڙن جي وات وٺي آ،
هيءُ نسورو ٿاهه ٺڳي آ -
تون ٻي ڌوڙ اُڏاءِ،
زمانو تنهنجو آ .

گونگو ٻوڙو گنهگهرو ڇمڪي،
تنهنجو آپ تي تارو ڇمڪي -
ٻر ڪڙين ۾ پاءِ،
زمانو تنهنجو آ .

••••

سنڌو ديـــس مهان ،
او ساٿي! سنڌو ديس مهان .

اچو تہ يارو گڏجي ڳايون ،
سنڌو ديـــس مهان —
او ساٿي! سنڌو ديس مهان .

سبق سمورو ياد ڪيون هيئن ،
سنڌو ورد زبـــان —
او ساٿي! سنڌو ديس مهان .

ڌرتي ڀالي ، ڌرتي ساري ،
جنتا جـــو جيئدان —
او ساٿي! سنڌو ديس مهان .

ڌرتي ماتـــا ، ڌرتي پتا آ ،
متـــان ڪرين اپمان —
او ساٿي! سنڌو ديس مهان .

وطن آ پنهنجو سج چنڊ تارا،
جرڪي پــل جهان—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ڌن پيي پنهنجو، ڏوڙ ۽ پنهنجي،
سارا ســون سمان—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ٽر، ٻر، ڪاچو، لاڙ، اتر پيي،
پنهنجا جهوڪ جهـُڪان—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

سوني روپي کاري ڪوجهي،
پنهنجي مٽيءَ مانُ—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ڪينجهر توڙي ڪارونجهر پيي،
ادب سنــدا استان—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ليڙون لويون اکڙيون او گهڙ،
غربت منجهه گيــان—

او سائي! سنڌو ديس مهان.

سارا ورق ورائي ڏس، ڪو
پٽ ۾ گهاٽ نشان؟

او سائي؟ سنڌو ديس مهان.

دودو ڏس تون، ٻا گهي ڏس تون،
دولهه دريا خان —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

هوشو، هيمون هتڙي چاوا،
هردم جنگ جوان —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ڪينجهر ڪري مڪلي مرڪي،
آتم اڳوٽو آن —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

پنهنجو جيون چرن مان چائو،
جيئن ڪو سچ سينانُ —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

هردم مهڪ مليران ايندي،
ڪوت ڪڙا قربان —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

ٻوليءَ تي ٻلهار ٿيون شل،
موجن ۾ مهراڻ —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

جسدن جندڙي، روشن رکبا
مشعل ۽ ميدان —

او سائي! سنڌو ديس مهان.

شاد رهي آباد رهي شل ،
گيتن جـو گلدان —

او سائي! سنڌو ديس مهان .

ساري ميئي چشمن چايون ،
جيئن کو امرت دان —

او سائي! سنڌو ديس مهان .

••••

غزل

سوري سيج اسان جي آهي، سرڪي لائج سيندي ساءُ

ٽڙسن، ٽڙين، ڇڙَ سان ڇاتيون،
ڪجايون ڪاريون، اکڙيون آتيون.

ڪوٽن مـان، جي هر هر ٻائن،
ڪُنگري ڪُنگري ڪان ڪي جهاتيون.

ڳڙهي ڳـل تـي اِڪا لينگها،
هـاءِ حياتـي! تنهنجون گهاتيون].

گونگا ڳوڙها! ڪجهه ڪي ڳايو،
بي وس جندڙيءَ جون ڪي ٻاتيون.

سورَ تـه ملبا سوريءَ سان ٿي،
ٻئي سان جهڙيون ٻرَ سان ٻاتيون.

نينهن لڳيون ڪئن نينهن مٽائن،
چاهـَ چکيا جي سان جي ساکيون.

ڪنهيون ڳاڙهيون رنيون رتڙيون،
سرتيون جهڙيون ساريون رانيون.

ڪوٽ ڪڙا سڀ شاهد رهجو،
ٻنهنجون ڇرڪيون ناهن ڇاتيون.

••••

جي ديپ وسامي ويو، سڪرات هلي ويندي،
۽ تيل ٻرڻ کان پوءِ، فڪرات هلي ويندي.

جيسين هي جيئاپو آ، تيسين تہ رڳون رڙنديون،
تارون جي ڇڳيون هيڪر، هر لات هلي ويندي.

تيسين تہ تماشو آ، جيسين ٿو نچي ناچو،
جي ڇيڙ ڇڳو ڏاڍو، هر بات هلي ويندي.

اڄ جامَ پيربو ساقي، پنهنجوئي لَهُو ڳاڙي،
پوءِ ڪير پيارينددو، جي رات هلي ويندي.

آڪاش جي نيڻن لءِ، ڪا ماڪ پني آڻيو،
محفل نہ متي جي اڄ، جذبات هلي ويندي.

••••

وَرَ وَرَ چرڪي، ٻهر وڌائي،
چوري چمڪو ڪنهن لءِ لائي؟

پرين تہ پنهنجو ديس وساريو،
وسري ڪنهن لءِ ديس وسائي؟

سارو ڪوهہ سُڪي ويو هِنَ لءِ،
جَرَ ۾ ڪنهن لءِ جهاتي پائي؟

سرتيون سوگهيون، هيءَ ندوري،
هيڪل ڪنهن لءِ هنڌ وڇائي؟

هيڪر چرڪي، ٻيهر چاهي،
جهوڙَ لاهي، چوڙو پائي.

ڪنهن کي کهڙي سُڌِ ڙي سائين!
چا چا ڪنهن جو مَنُ تو چائي.

••••

انڌي دنيا، ٻوڙي ڌرتي، گونگو آ آڪاسُ،
گيت رنا ۽ ساز ڀڳا، پر ڪنهن نه ٻڌو آوازُ.

هينئڙو جان ڇڏائي نڪتو، جهڙ جو روپ ڌري،
وڄ ڪري ۽ مينهن وٺو، پر ماڻهن لءِ ملهارُ.

نورا پاڻي ڪير ورهائي وڇڙئي جانيءَ لاءِ،
پيٽ چڙهي ويو پورنماسي، چوريءَ ڪاڻ اماس.

عشق اسان جو اهڙو هو جيئن موتي سپ ڇُمي،
ڦڙي ڦڙي ڳر ساهه ڏنو آ پوءِ ٻي نيٺ اُداس.

آءُ پرين هي شهر ڇڏيون، هيت اونده ۽ اندڪار،
پرڪ پره جي هتڙي ناهي، هتڙي آس نراسُ.

••••

تون تہ اڄوڪو والھڙو،
منھنجي ٻريٽ ٻرائي آ.

ڪير ڪنديءَ تني واجھہ وجھي؟
ورھہ، ورھہ ڪنھن وائي آ.

پير پکيءَ جا چر ڪان چرڪن،
ڪنھن جي سمجھہ سياڻي آ.

ساھہ آھو جو سوريءَ سُرڪي،
تو ڪا منزل ماڻي آ.

طلسم تاج وڃائي جيڪا،
ماڻي پٽ جي راڻي آ.

رات رهي سو باڪ ڇُٽي،
صبح تہ سڀ جو ساڻي آ.

ڪيئي ڪنارن گھاءَ لڳا،
پو ٻہ تہ پاڻي پاڻي آ.

ڪير چڪيا سان چاھہ رکي تو،
وَرَ ٻنَ ڪير ڏياڻي آ.

جڏهن ڪونج ڪَرڪي قطارون پُڄي ٿي،
تڏهن ياد تنهنجي پَراهان پُڄي ٿي.

ڪنڌيون وِکر ووڙي جڏهن ڪو ٿو آڏي،
لڳي ايئن تنهنجين ٻر ڪِلي ڪا ڪُٺي ٿي.

۽ سرتيون ڪڏهن ٻي جڏهن ڪوهه سنئيرن،
اسان جي ٻي آشا اوهان لاءِ آڏي ٿي.

وِرهه ويل ايئن جيئن ڪڍي ٻُرج بادل،
نڪي هيانءُ هلڪو نه، ڌرتي سُڪي ٿي.

نه مارين آ ماريو نه، چارين سنڀاريو،
انهيءَ سوچ هردم اُڇي ٿي پُڄي ٿي.

اگر گيت نئون ڪو ڪٿي ٿو الاپي،
لڳي هيرَ هرَ هرَ اچي جيئن آئي ٿي.

وڏا مي نه ورندا اسان ٻي ٿا چاڙو،
مگر هيءَ محفل ڇو هل ڀل ڀڄي ٿي.

گل گلابي جھڙو ڳهاءُ،
ساڳيو دشمن ساڳيو واءُ.

پنھنجو خون ڪٿوريءَ جھڙو،
جيئن ڇنريءَ ڇٽ ڇناءُ.

ڪاري ڪاڻ اڇاڏيل آهن،
سورهيه ساٿي اوري آءُ.

ڳالهه ڪلهوڪي وسري ويندءِ،
سهڻو تنهنجو سهج سڀاءُ.

تون ٻي چاڙين هو ٻي چاڙي،
هاڻي ڪرڻ ڪهڙو تاءُ.

ڌرتي پنهنجي سرتي آهي،
تو ڪان ڪهڙو ليڪُ ليڪاءُ.

سوري سيج اسان جي آهي،
مرڪي لائج مينڌي ماءُ.

●●●●

SOORIH SINDHI ADAB

ٻنهنجو ٻيار ٻڪيڙي جهڙو،
ٻره ڦٽيءَ جو ڦڙڪيون ماري —

آزاديءَ سان آڌري آڌري،
ڪنڍا ڪوهي گهر کي ساري —

سيجُ سڏائين سهڪي سهڪي،
سنجها آئي سيج ويهاري —

هيءَ ٻه ٻنهنجي ٻاڙي اوڙي،
ڦٽڪي ڦٽڪي ساتُ سهاري —

ٻر جي ڪنهن جو ڪانُ لڳو هو،
هيڪل ويهي رات گذاري —

ترسي، تڙپي، ڳوڙها ڳاڙي،
ماڪ وسي ۽ سڏڪا ماري —

SOORIH SINDHI ADAB

”ساٿي جيڪر ايندو هوندو،“
ٻنَ ڪڙڪي تي ٻُور ٻڇاري —

ٻرهه وري جي جوڀن ماٺي،
آڪاشن ۾ دُور نهاري —

تنهن ۾ ڏاڍيان ڏاڍيان ڳائي،
آپ کي ڏاري، پريت پُڪاري —

واهڙن مان رات لڙي جي،
ٻـو ڪجهه سوچي پاڻ آڏاري —

ڇاريون ڳولي ڪانَ ٻُجائي،
ماڪ وري ۽ سُورَ سنيـاري —

ڀُلجي سوچي، سوچي ڀُلجي،
”ساٿي ويٺو، ماڪُ وساري!

”جيءَ جياپو نيٺ ٻـ، ايندو،
”آڳ تي ڦڙڪي، ايندو آري!“

هاءِ اميدون ڪنهن ۾ نه ٻرڪيون،
جيڪر پنهنجا سُور سنيـاري.

●●●●

جيئن چڪيا تي چنڊ چڙهي، پيو پوپاڙيءَ جا پيارَ ڪري،
تيئن اسان جي مَنَ جي مستي، عشق سندا اظهارَ ڪري.

جيئن حقيقت ڏاگهه مٿان ڪو، ڏاڍائيءَ سان چاڙهي پيو،
تيئن مسلڻ لاءِ پنهنجي آشا، سهسين ڀيٽي سينگارَ ڪري.

جيئن هوا ۾ هُر ڪُرُ ٿئي ۽ جيئن تڪو طوفان چُري،
تيئن اسان جي ذات جو ڏيئو، لاتِ ڪيڏي اسرارَ ڪري.

جيئن ڪڪر مان ڪوجهي اک ڪا، ماروئڙن جي لڄ تَڪي،
تيئن اسان جو هيٺو هَڏُ ٻي، واسينگن جيئن وارَ ڪري.

جيئن ڪا آپَ تي گوڙ ٿئي، ۽ مينهن وسڻ ۾ دير ڪري،
تيئن اسان جي من مان موتي، سمنڊ مٿان سَوَ وارَ ڪري.

گهاٽي ۾ جو وقت ڪٽيو آ، تنهن ٻه سنيهو آندو آ،
ٻانهن وراڻي ڪا تہ پرينءَ جي، سُرها ويٺي وارَ ڪري.

توکي کهڙي سُڌ ڙي سائين، پنهنجو مَنُ ڇا چاهي ٿو،
ڏرتيءَ تي ڪو ڏنگ اچي، جو جيت ڪري يا هارَ ڪري.

جڳو وَرُ ٿئي ودوائن جو، آيو ٿئي ڪنهن آيل جو،
ڪنهن جي اک جو گوڙهو ٿئي، جا ٻارِ ڪنڌيءَ تي ٻارَ ڪري.

••••

نظم

هن شهر جي ڪنهن ڏي ڳالهه ڪئي، هي شهر الا ڪو شهر هيو.!

پاڙيهاري

(مارشل لا واريءَ رات جو تاثر)

رات انڌاري تارا ٽم ٽم،
ٻوسٽ ٻوسٽ ساهه، مُنجهي ٿو.

ڀينگي ڀونگي مَن جي آهي،
جڳ جي هر ڪو ڳالهه ڪري ٿو.

مونجهو مانجهي موڳو مَنُ آ،
ٻيٺل ٻاڏي لوڪ لڳي ٿو.

هيءُ صبح آيا ڪا سانجهي،
مچ آفق ۾ هيڊ ٻري ٿو.

ٻيج ٻنيءَ جو آيو سانول،
ڪوڙهو ڳل تي هاءِ ڪري ٿو.

پاڙياريءَ جو هوريان هوريان،
پاڙيءَ ٻر تي ڪَجُ ڪري ٿو.

هُن جو جوڀن ٽانڊي جهڙو،
سارو جَلُ ٿَلُ ٻاهِ ٻَري ٿو.

تو تہ فڪر ڪي ٻڌ ڪيو هو،
هاڻ تہ سارو شهر ٻري ٿو.

ڪنهنجي ٽڪريون، ڇوا ۽ ڪاوا،
ڇانئين تي ڇڻ ڇنڊُ ڪڙي ٿو.

مَنَ جو پنڇي پڃري ۾ پيي،
هنجون هاري لات لنوي ٿو.

ڪِهلو ڪِالهہ، اڄا ڪو سمجهي،
ڇُپ ۾ ڪهڙو ڇنگ ڇُري ٿو!

ساڄن اوري آهہ الا! تون،
پنهنجو هينئڙو هاءِ ڏري ٿو.

••••

پنهنجو پنڌ اڃا ٻي اڳتي آهي او اڀاڻ،
پاڻ ستارن واٽ وٺي، ڪي لهنداسون اسمان.

رُج رُلي جي نيڻ ڪٽي تا رِوڻَ ۾ روجهه رُاَن،
پاڻ ڏسون تا پنهنجا جهَرڻا، جوتا جڳ جهان.

هيءَ اسان جو هند نه ساتي، هتڙي ڪوٽ ڪچي،
پاڻ پروڙيون سچ آهي، جنهن جرڪن جيءَ ۾ جامَ.

نيريون اڪڙيون نيرَ وهائن، ڪوجهن ڪاڄ ڪهڻا،
پاڻ هلون تا اهڙي هند جت هردم چاڻ سچاڻ.

ڪاري رات ستاوا سهڻا، اڳتي هَلُ ميان،
ڪنول قطارون، آزادي، جت سوجن ۾ مهراڻ.

وَرَ وراڪا، پنڌ اڻانگا، منزل ڪاڻ ميان،
چانڊوڪيءَ جي چادر ويڙهي، ايندا نيت نشان.

••••

سنڌو

(چوٿين مارچ ۱۹٦٧ تي)

اي سنڌو تنهنجي ڪنڌيءَ تي اڄ مارچ مهينو آيو آ،
تون پنهنجو پيارو ٻانڊ ته ڏس، ڇا ڇا نه ڦڳڻ ڦلهاريو آ!

ڪلهه مُنڊ مڙيوئي ماڪيءَ ۾ ڪنهن ڪُڪ ۾ ڪانءُ وهايو هو،
ڇا ڪانئر ڇاتو ڪانيءَ مان ڪنهن واهُرَ ورق ورايو آ.

جن ميرُن سُور صدين جا ها، تن ممتا مورک ڪانه هئي،
جن جيءَ جهنجهوڙي ڇم ڏنو، تن مُرڪي ڪنڌ نوايو آ.

اي جوڌي توکي جَسُ هُجي، ڇاڇا نه قصائي ڪُهاڪي،
ڇا مڪليءَ ۾ ڇا مياڻيءَ ۾، تو هرهڪ هنج وهاريو آ.

ڇا ٻاجهارن جي ٻوليءَ لءِ، ڇا گونڌر تن جي گوليءَ لءِ،
تو سيني اندر سنڌ رکي، ڇا ڇپ مان ڇنگ ڇلايو آ.

ڪي ڪوپا تنهنجي ٻاجهه ڏسي، ٿا ڳاڙها اجرڪ آڇ ڪرن،
تن ورَ ورَ پنهنجي وڏ وڍهي، هي ڳاڙهو جهنڊو ٿاهيو آ.

ڏس منڊ بهارن واريءَ ٻيءَ، اڄ ڀنور انڌين ۾ اوکو ٿيو،
ٿي ڳهاڳهر ڇاڪي ڇوريءَ جي، ڪو ڳُل گلابي ڇانيو آ.

اي دوست ڏسي ڇڏ سامهون ٻي، ڇا مُرڪي ويٺي لعل ڪنوار،
سا ٻيرهہَ جو جهولو جهولي ٿي، ڪنهن گيت نئون ڪوڳايو آ.

ڇا ڇوڪر ڇيڳر مستي آ، ڇڻ موڪيءَ منڊ وڪامي ويو،
اڄ آزاديءَ جي سڪ سچي ڏس، هر هڪ نيڻ خماريو آ.

••••

لهندڙ سج ورندڙ پاڇا،
پريت ڇنيا ٿي جن کي ناتا.

ڏات وساڻي سوچ اڏاڻي،
روئي ويٺي رات جي راڻي،
من جا روڳ ته ڪنهن به نه ڇاتا.

پنهنجي من ۾ ڪنهن ڪنهن تاري،
وسميل وسميل ڪاري ڪاري،
اونده سان ٿي پاڪر پاتا.

سارو شهر سمهي پيو هاڻي،
غم جي ڄڻ ڪا چادر تاڻي،
هيسيل هيسيل گيت ٿي گهاتا.

ڏاڍ جهڙو ڏيهه لڳي ٿو،
هاريل هيڻڙو ڪيئن ڪري پو!
آس نراسي نيهنڙا آتا.

ازل کان ابد جي راند اهائي،
روئي مرڪي جن ٻه نڀائي،
سي ته هيا ڄڻ جَرَ سان ڇاتا.

••••

گهڻا ڏينهن گذريا، وري ياد آيا،
اسان جن جي خاطر ڪڏهن گيت ڳايا.

هو ڪجليون، هو ڪاريون، سي اکڙيون انهن جون،
هو چندن، هو چوٽا، سي چڱڙيون انهن جون،
اسان جن تي هردم ها ساوڻ سجايا.

ونگا وارَ واسينگ وَرَ وَرَ وراڪا،
ڪلهن تي سي ڪنڍڙا ڍنگن سان ڊراڪا،
جتي جيءَ انگَڙا ڏسائي ڏنگايا.

انهن جي ڳلن تي گلابن جا سينهون،
انهن جي چپن تي ٻڪل سرخ ڏيلهون،
اڃا ڪنهن به ٽاريءَ نه چمندا نه چايا.

اسان سان انهن جا ڪلڻ ڪير جهڙا،
ٽڏا ساهه، سهڪڻ، ٽڏيءَ هير جهڙا،
اتي تي ابر جڻ ڪ مينهڙا وسايا.

جڏهن ٻي ڪٿي ڪنهن تتر آ تنواريو،
اکين آب آڏي انهن لءِ نهاريو،
ٻيا پور پل پل اجايا سجايا.

••••

وار ڪان جُدا ٿي، ھڪِڙي ھڪاريو،
ڪٿي آھيو سائي، ڪٿي آھيو آھيو!

خوشيءَ ساڻ لھرون ڪنارن لڳن ٿيون،
۽ سونا ملائي ڪي چھڙا چُمن ٿيون،
آچاڻل آسنڪن اوھان لءِ نھاريو.

الا ڏينھن گذريو ۽ سانجھي لڙي آ،
لڳي ٿو شفق ڪي ڪا ڪاني لڳي آ،
اچو، جو اميدن اجھو ھانءَ ھاريو.

اجھو سُھمي سج اڄ چڙ تہ ھينگھي ۾ پيو آ،
اجھو چنڊ تارن سان گڏجي مليو آ،
سمھين ساري دنيا، اسان ديپ ٻاريو.

ازل ڪان اوھان سان اسان نيھن لاتو،
جا دل ٿي ڏڙڪي اجا عشق آتو،
اسان قول پاڙيا، اوھان ٻي ڪي پاڙيو.

اوھان ٻي ويا جن وري ڪونہ ايندا،
اڪيلا اڏاٽا ڪٿي ھوءَ ويندا!
اسان لءِ تہ ھاڻي سڄو ڏيھہ ڏاريو.

••••

آس

جيئن جنڊيءَ جا چيٽ ڏسين ٿو،
يا ڪا سُهڻي سيٽ ڏسين ٿو؛
ساڳي مَن ۾ مورت آهي،
آئينڊي جي ڪا صورت آهي.

جيئن دليءَ جي ڪور ڏسين ٿو،
پاتالن ۾ پور ڏسين ٿو؛
اهڙا اونهان اندر ۾ ٿيي،
پنهنجي مَن جي مندر ۾ ٿيي.

جيئن سيرينهن ۾ گل ڏسين ٿو،
هيڪارن جا هُل ڏسين ٿو؛
تيئن وچن جا وار ڏسون ٿا،
اکنا جا آثار ڏسون ٿا.

جيئن حياتيءَ هور ڏسين ٿو،
موکا کنهن ۾ مور ڏسين ٿو؛
آپ نهاري ويٺا سوچيون،
آگم خاطر آشا اوتيون.

جيئن ٽمڪندا طوفان ڏسين ٿو،
يا سڪي ويندا سانَ ڏسين ٿو،
اهڙا پنهنجي جيءَ جنجهوڙا،
جيئن ڪنهن ساڳي ڏڌ ولوڙا.

جيئن ڪو چانو هاڻ ڏسين ٿو،
جيپُ ڪپايلُ پاڻ ڏسين ٿو،
اهڙا گهاءَ گهٽائيَن آهن،
هاڻ ته جوڳ جٽائن آهن.

پر جي ٿون ڪو سچ ڏسين ٿو،
يا ڪنهن ڌرتيءَ بچ ڏسين ٿو،
پنهنجي موچَن سنگ اڃن ٿا،
تنهن پَر سارا انگ نچن ٿا.

••••

ٻڪ

هڪڙو ٻالڪ رات رُنو هو،
ٻاجهر جي ڪنهن داڻي تي،
خالي ٿالهي ماءُ ڏني هئي
پنهنجيءَ رانجهن راڻي کي،
لڳ، اگهاڙا ٻالهي ٻٽ تي
گوندر گهر کي گهائن پيا،
ساري جڳ جا جاڙ ڳڻائي
هڪڙي پَلَ ۾ ٻائن پيا،
ڪنهن تہ حياتيءَ هاڃو آندو
هُن جي منڙي ماڻي کي!

جيئن سَرَءَ جي ٽڙ ڪپل ٽاري
اهڙا آڏل انگ هُيا،
جيئن سَرنَ تي هيڊي هُرڪُر
روجهاڻا کي رنگ هيا،
ونهنجي چوڏي جهڙي ڇاتي
ڏيءِ ٻئي صاف سياڻي کي،
ٻالڪ ڪنهن ٻر ٻرچي ڇاجو

هن کي ماءُ پوري ڪئي،
ڪاري آپ تي هيسيل ٽاري
چانڊوڪيءَ جو چور ڪيئي،
هي ته هزارن سالن کان ٿي
ترسيو داٽي داٽي کي.

نيت پروهت ڀاڙي وارو
مندر مان ڪجھ آٽي ٿو،
پنهنجي ڏين ڌرم جي ڀڪشا
ڇرڪي ڇرڪي ڇانئي ٿو،
۽ پو ممتا کي ويو گهلي—
پنهنجي گندي گهاٽيءَ تي.
هڪڙو ٻالڪ رات رنو هو...

••••

سيءُ

هڪڙي جهُوهي سيءُ پيو هو،
ٻارن تنهن ٻر هيءُ چيو هو:
"ٻابل، ڏاڍو سيءُ ٿئي ٿو،
سارو پنهنجو جيءُ ڏڪي ٿو!"

تنهن ٻر تن کي پيءُ چيو هو:
"منڙا موڻ سان ٻاڪُر پائي،
ڇنبڙي پنهجو لِڳ لڳائي."

تنهن ٻر ڪلندي ڌيءُ چيو هو:
"بابا، تنهنجا انگ اگهاڙا،
ڪيئن اسان جا لهندا ٻوا."

سيني گڏجي "جيءَ!" چيو هو،
ٻر ٻو نيائي ڪنڌُ جهڪايو،
پنهنجو جوڀن انگ لڳايو.
ٻو پيي تن کي سيءُ ٿيو هو.

••••

ڪاڪ محل

ڪاڪ ڏٺي، او ڪاڪ ڏٺي، ڪيسين رهندين ڪاڪ ڏٺي؟
نيٺ تہ ٻالڪ وڏڙو ٿيندو، ويندو توکان واند ڪٺي!

طوق گلي جا بدلي توڙي، عيسيٰ دار تي رسٽو آ،
پيتو ٿي سقراط سدائين، اهڙو زهر ٻہ پيٽو آ،
آزاديءَ جي ميدانن کي، مينديءَ رتڙو ڪرٽو آ،
نيٺ تہ جوڏا ڳولي ايندا، واچوڙن مان قرب ڪٺي.

حسن تي پهرا رهندا آيا، توڙي ويو آ وقت ڪري،
مارئي پنهنجو ڀرم وڃائي، جهنڪارن تي ڪيئن مري!
ڪارنهن جو الزام لڳائي، چنڊ ستارن ڪيئن چري!
ڪيسين رهندا، نيٺ تہ ٿيندا، ظلم جا سايا ڪٺي ڪٺي.

ٻاهر وَسائي ماڪ جا موتي ٻالڪ مُشڪڙيون ڏڙنديون هو،
ڪير جي ڇاتي خون ٻهاري، ڪوڙيون ڇانيون ڪنديون هو.
ماضي ملندو مستقبل سان، راهون روشن ٿينديون هو،
مومل ٻاڏهين ڪاڪ ڇڏيندي، جڏهين هوندا چاڪ ڇٽي.

منهنجا پيارا! دُور افق تي سُرخي ساز وڄائي ٿي،
ڳاڙها ڳاڙها، ڪنهن جهڙا، ڪنوارا گيت ٻُڌائي ٿي،
تنهنجي منهنجي آس آڀ سامهي پنهنجو پر وڌائي ٿي،
راند رسائي وڃڻ سائي، هاڻ ته پيارا مُرڪ ڪٿي!

••••

صبح

آءُ ڪبوتر ساز سڏي ٿو، محفل مست بڻايون يارَ !
ٻار درياءُن تترَ تنواريو ٻاڻ ٻه ٻول ٻُڌايون يارَ !

هيءَ حقيقت تو ۾ ڏٺي آ، مٺي ٻاڱا ٿيندي وئي،
ڪنواري ڪنواري ڳاڙهي وَٽڙي لهر لهر ۾ لڙهندي وئي،
عشق تي آندي وارَ وچائي، حُسن تي هوڪا ڏيندي وئي،
جوءِ ڪنڌيءَ تي ڪنگ اڏاري، تنهن سان پرت پڄايون يارَ.

رات اکين ۾ سرمو پاتو، سيج تي سُرڪڻ ڦاهي آ،
نينهن نهوڙيل ڏيل ڏڪايو، نيڻهر ڪي ٿاهي آ،
ٻير ٻڪيءَ جا چترَ ڪان چرڪن، ٻو ٻه منزل ماهي آ،
جاڻ ڪَري ٿي رنگ رنگيلي، ٻاڻ ٻه ونڪڙا لاٻون يارَ.

مستقبل جا موتي ميڙي، هر هر گيت سڻائي ٿي،
مور جي مادي سينو ساهي، سرتين ساهه ڪڍائي ٿي،
هرڪا وڻي نيڻ نهاري، ٻاهه برهه جي لائي ٿي،
ويل آسَر جي، لچندي نچندي، ڳوڙها کهنڪهرو ٿاهيون يار.

رات جا راهي ٻاڪ ٻَسي ويا، صبح تہ سڀ جو ساٿي آ،
آڏوي الجهي طوفانن سان نهت ڪا منزل ساٿي آ،
ٻرڙا ڪوهي ٻيڙو ڏاهي، جنهن جي ٻريت ٻراٿي آ،
چنهب چتونءَ جي هر هر هرکي، هل ڪو هٿ وٺايون يارَ!

••••

SOORIH SINDHI ADAB

شهر

هن شهر جي ڪنهن ٽي ڳالهه ڪئي، هي شهر الاڪو شهر هيو!
ڇا ته اڪياڙي هئي هن جي، ۽ ڪهڙو ڀويون پهَرَ ٿيو!

هي شهر آهو آ شهرن مان جت هوشوءَ جهڙا جوانَ هيا،
۽ ڪير هُنجي، جو اک ڪٿي، هن شهر جا اهڙا ماڻَ هيا.

جي شهر جي جيجل جهول جهلي، ڪي ٻارا ٻارا ڪتنڌ ڪريا،
ٻو ماءُ مٿان چڙهه ڪنهنبا ها ۽ موڙ تي ڪنهن ها چنڊ ٻريا.

ڪي ٻانهن ٻُسيءَ جا چوڙا ها ۽ سينڌ سُجيءَ جا جهومر ها،
بس ماءُ چٺا جي ٻُنڙا ها، سڀ دشمن آڏو ڪونڌر ها.

ٻو وقت وري ڪو اهڙو آيو، ڏينهن ڏٺي جو شهر ٻريو،
۽ هيڏن جوڌن ڪين ڪڇيو، جي دشمن گهر گهر ٻاڻَ ڦريو.

ٻر ماءُ وري ٻي جهول جهلي، ڪنهن گل ٻريا ڪنهن تير ٻريا،
جو شهر ۾ سورهيه نورا ها، جي گهرَ ۾ ها سي ڪير ڪريا.

هي شهر ڪلهوڪو ڪهڙو هو ۽ شهر اڄوڪو ڪهڙو آ!
سا ڳالهه ته سڀني سامهون آ، بس جهڙو آ سو تهڙو آ.

پر پنهنجو منُ، جو پياسو آ، تنهن ڳولي ڳولي ٿاڪو آ،
ڪو ڪونڊر نيٺ ته ڇايو آ، جنهن آخر شهر سڃاتو آ.

هن شهر جي ڪنهن ٿي ڳالهه ڪئي...

••••

اڳ ڪٽي

مون تہ متي تي تنهنجي پيارا ،
هڪڙي اهڙي پڳ ڏني آ .

هونءَ تہ ساري آهہ آڇي پر ،
لال لهوءَ جي رَوَ رتي آ .

تنهنجا لڱ اگهاڙا آهن ،
سارا انگ ڪُهاڙا آهن .

تنهنجي پير ۾ پاءُ مري ٿو ،
سَنجها جو چٽ گهاءُ لڳي ٿو .

تنهنجي پَر ۾ پيرُ بہ آهي ،
وردانن جي ويرُ بہ آهي .

تنهنجي هٿ ۾ چوڙيون آهن ،
سي ٻي ڳاڙهيون ڳوڙهيون آهن .

هوءَ نمن جي ڇانوَ ۾ ويٺي،
ماءُ ٻه ويٺي لانوَ ٻه ويٺي.

ماڻهون تنهنجو گهر مڙي ٿو،
ودوا جو چڻ ورُ مري ٿو.

ڏرتيءَ تان هڪ ڀوتي ميڙي،
هاريل ويريل موتي ميڙي-

ڀيڻ کي چوڙيون پائين ٿو تون،
لانوَ کي لوئي لائين ٿو تون -

ماءُ جي موتين مُٺِ ڀرين ٿو،
ڀو تون ڀوتيءَ پُٺِ ڀرين ٿو.

ڪيئن ٻُڌايان ڀيو ڇا ڀارا،
مستقبل تي کهڙا مارا!

تنهنجون اکيون رَتُ ڀرن ٿيون،
سارو تنهنجو سَتُ ڀرن ٿيون.

ٻو جي تنهنجا نيڻ نهاريان،
تَن ۾ ساري سنڌُ ويهاريان.

موجن ۾ مهراڻ ڏسان ٿو،
سارو رتو چاڻ ڏسان ٿو.

چوڏاري ميدان ڏسان ٿو،
جنڊڙيءَ جا جولان ڏسان ٿو.

جيت ڏسان ٿو هار ڏسان ٿو،
لڙڪ ڏسان ٿو لار ڏسان ٿو.

سنڌڙيءَ جا سينگار ڏسان ٿو،
چوٽا چندن هار ڏسان ٿو.

ڏک ڏهاڳڻ ڏار ڏسان ٿو،
سيج سهاڳڻ سارَ ڏسان ٿو.

ساڀهون ڀو مان سيجُ ڏسان ٿو،
هر ڪنهن ڌرتيءَ ڀيجُ ڏسان ٿو.

ڏيئي ڏيئي مَچُ ڏسان ٿو،
سوريءَ سوريءَ سچُ ڏسان ٿو.

آخر الفت آر ڪري ٿي،
ڀوڏاڙيءَ جو ڀارُ ڪري ٿي.

سارا توتي زُلف وڇائي،
رات اکين ۾ سرمو پائي-

تو لءِ سيني چنڊ سجائي،
مستقبل جا گيت پڙهائي!

مون ته پرين! ما سڳ ڏني آ،
چاندوڪيءَ جي چڳ ڏني آ.-
اهڙي مون کا پڳ ڏني آ!

••••

جڏهن مان نہ هوندس

جڏهن مان نہ هوندس، ڪندين ياد پيارا،
جڏهن ظلمتن ڪي، نہ هوندا سهارا.

نہ محفل نہ مستي، نہ ميخوار هوندا،
نہ ڪافر ادائن جا اظهار هوندا.

نہ ناچو نہ نچڻي، نہ گهنگهرو نہ ڇم ڇم،
نہ ديدون نہ دوڪا، نہ حامي نہ هم غم.

نہ وارن وروٽا، نہ چوٽا، نہ چنڊن،
نہ هٿڙن تي مينڌي، نڪو ڏيک ڏندن.

نڪي جام جهرمر، نہ اکڙيون گلابي،
ڏسڻ لاءِ سگهندين، ڪٿي ڪو شرابي.

تڏهن تنهنجي الفت جا اظهار ڪنهن لءِ؟
ٿڌا ساهہ سهڪا ۽ سينگار ڪنهن لءِ؟

نه سهڻين سينها، نڪا اک آلي،
انهن جيئڻ مينا، محبت کان خالي.

اهي قيد خانا، اوهان جا اڏايل،
اسان کان سوا سي وياڪل وياڪل.

اوهان جون اڏايل اهي محل ماڙيون،
۽ جادو نگر جون، سموريون ڪهاڻيون—

نه مشتاق هوندا، نه پڳ پڳ پروليون،
سوا سرفروش جي ماريون ٽوليون،

نه تارن طنبورن جي جهونگار هوندي،
نه چپڙن تي گيتن جي گونجار هوندي.

ڪوئي ڪي ڪڏهن ڪونه آزار هوندو،
هئو آزاد الفت جو اظهار هوندو.

نه فڪرن تي پهرا، نه سوچن تي سختيون،
نڪي هيج هوندا، نڪي هوڏ هستيون.

نه هونديون ڪمانون، نڪي تير هوندا،
نه معصوم دل ۾، ڪڏهن جهير هوندا.

اوهان جي اڱڻ ۾ نه چاريون نه سگهڙا،
۽ ڪنهن جي ڪلهي ۾ نه ڪنڍڙيون نه ڪنڍڙا.

نہ رستن تي سھندڙ ٻڪيا ٻار هوندا،
نہ اوگھڙ جا الڪا، نہ بيمار هوندا.

صفا ايئن لڳندو سجايل هي سينو،
نہ ملاح هوندو نڪي هي سفينو.

تون منھنجي ٿي چاهت جو محتاج هوندين،
وڏيل سر جو رلندڙ ڪوئي تاج هوندين.

چمن ۾ گلن تي جا ڳاڙهاڻ آهي،
اها منھنجي ٿي جا سرهاڻ آهي.

سوا مون لڳن تي نہ لالاڻ رهندي،
نڪو چنڊ هوندو نہ چانڊاڻ رهندي.

هي آڪاش منڊل ۾ ڌوتي ٻہ مون سان،
شفق ۾ افق جي هي ارتي ٻہ مون سان.

ڪري ياد منھنجا فسانا تون رئندين،
سوا سچ وارن، زمانا تون رئندين.

حياتي ۽ مماتي ۽ کان آزاد هوندس،
مان آزاد، آزاد، آزاد، هوندس.
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

(آگسٽ ١٩٧٠)

••••

ڀرهم وار ڪوليا

اڄ ماڻھن جي لاشن جي بدبوءِ اچي ٿي،
۽ خوني تجمل سان نفرت نچي ٿي.

سمورو زمانو انڌيرا انڌيرا،
۽ هيسيل ڏسون ٿا سمورا سويرا.

نه آڪاش تارا نڪي چنڊ آهي،
نه گلڙن جو ڌرتيءَ ڪٿي هنڌ آهي.

نه ڳاڙهن گلن سان ٿا محبوب مُرڪن،
نه سهڻين سنيها ڪٿي ڏي ٿا ٻُڌجن.

اسان جي اکيان اڄ محبت مري وئي،
صدين سونهن وارن جي الفت مري وئي.

نه مرندڙ کي ڪوئي سڃاڻي سگهي ٿو،
نه ودوا جو وَرُ ڪوئي آڻي سگهي ٿو.

ٿيل جهولي خالي نه ڪوئي ڀري ٿو،
نه ممتا سان ويهي ڪو ماتم ڪري ٿو.

هي گوليون، بم جا نشانا ڏسون ٿا،
۽ سياست جا سارا بهانا ڏسون ٿا.

اسان ساري نفرت کي جاچي ڏٺو آ،
۽ ظالم اکين ۾ نهاري ڏٺو آ.

هميشه هو مذهب جو چوغو ڪري ٿو،
۽ پنهنجي هوس کي پو پورو ڪري ٿو.

سدا توڙي هُن کي شڪستيون اچن ٿيون،
۽ نفرت جي ناتي تي هستيون اچن ٿيون.

تڏهن ئي بگهڙ وات ڦاڙهو ڪري ٿو،
۽ پنهنجي سياست جو چاڙهو ڪري ٿو.

اي لاشن تي ويهي ڪنڌڙ تاجپوشي،
تون ساڳيو آن ساڌو اڳوٺو انڌو تي.

تون انسان دشمن ۽ نفرت جو باني،
هي ساري آ تنهنجي ٻڌايل ڪهاڻي.

اجها هاڻ پوري ٿين واري آهي،
هميشه جان ڪُوڙي ٿين واري آهي.

ڪڏهن نيٺ ڪوڙا ستارا ڀي ٽٽندا،
نه رهندا انڌيرن سهارا نه هوندا.

اجهو ڏس سامهون پره وارَ ڪوليا،
امر مُرڪ پنهنجي سان گلزار ڪوايا.

اجها هاڻ ساڳي حقيقت آ آئي،
ته روڪي سگهي جنهن کي نفرت پيائي.

••••

امن

آدمي ٽو آپ تي، هي ڪهڙو ٻڪي آ!
نه مينا نه، طوطو نه، لالڻ لکي آ!

نکي جست چنبن سان شڪرو يا چيرو،
نکي ڳجهه آهي نه ميرڙين سکي آ.

صفا صاف شفاف، بــي داغ پرڙا،
جئين ڪنهن جبل برف چوٽي آڇي آ.

ٽڏي هير بوندون آبر جون آئي تي،
نهاري ته ڪوهن تي ڪجڪار ٿي آ.

جتي ٿي وڃي ٿو، ستارا سلامي،
ڇا ڌرتي ڇا آڪاش، جهرمر لڳي آ.

نه هن جي آ عادت ڪسي ڪنهن ڪان ڪائي،
ڪڏهن ٻي نه هن ڪائي دانگي تڪي آ.

نه ڪينا نه ڪلفت نه دوکا نه دلبا،
جتي هرجي ته ٻل ٻل ڪا ماکي ماٺي آ.

نه مذهب آ هِن جو، نه نفرت سان ناتو،
نه تعصب جي هِن وٽ ڪا سوڙهي سڳي آ.

جي ڳائي ته ڳيتن سان گلزار ٻڌجن،
ڪا بلبل ۽ گلڙن جي محفل مچي آ.

ڇا ڌرتيءَ جا سينگار، محبت جا نغما!
ويهي جاءِ جنهن پيءِ، ڪا رم جهم لڳي آ.

آمُن نانءُ هِن جو چنبيليون ٽيون چانڻ،
پکيءَ جي ڳجهارت بهارن ٻڌي آ.

هي ڪهڙو پکي آ!
هي ڪهڙو پکي آ!

سچ نہ پوڙهو ٿيندو آ

وطن فروشن وطن پرستي ڄاتي ناهي،
سوداگرن، ڪنهن جي لڄ سڃاتي ناهي.

تن جي ليکي، ساري دنيا پڙَ ۾ آهي،
هو ڇا ڄاڻن، ڪهڙي ريکا جهڙ ۾ آهي.

ڪن جو ذهن، ضمير سڃاڻڻ اوکو ناهي،
ڪن جو سچ سڃاڻڻ ڏاڍو اوکو آهي.

پارک، جن وٽ پٿر شيشو هڪ ٿئي ٿو،
سي ڇا ڄاڻن، هيرو موتي ڪيئن جُڙي ٿو!

جن جون اکيون خالي ڏانڊا ٽانوَ ٿين ٿيون،
سي ڇا ڄاڻن، مَٽُ جون مستيون لانوَ ٿين ٿيون.

هو ٿا ڄاڻن ڪوڙا جي فنڪارَ وڪاڻا،
هٿ جي هوڪي آيا سي مڪار وڪاڻا.

هُو ڇا ڄاڻن سورت ڪنهن لءِ ٻارَ ڪيا ها،
ڪنهن جي آڏو دولت جا انبارَ ڪيا ها.

هُو ڇا ڄاڻن ڪهڙي ڪَر سان ڦَنُ اٿيو هو،
سِرُ ڏَڙُ ڇا، ٻَرَ راڄا سوڏو ڏَنُ جهڪيو هو.

هُو ڇا ڄاڻن، ماڻهو ڌرتيءَ ڪاڻ وڙهي ٿو،
هُن جي رت سان رڱيو جهنڊو ڪيئن چڙهي ٿو.

هُو ڇا ڄاڻن، ماڻهو جبلن کان ٻي ڄاڻنا،
طوفانن جا رخ ٿا موڙن منهن ۾ ماڻنا.

ڪهڙو ٿن مان زنجيرن کي ويٺو ٽوڙي،
يا ڪو پنهنجي ڌرتيءَ جون ٽو ڪنڊيون ڇوڙي.

ڪي ته غلامن جا ٻي ٻيلي، سي ٻه ڏسون ٿا،
آزاديءَ لءِ سِرَ هٿيلي، سي ٻه ڏسون ٿا.

ڪي ته هميشه هلڪا، ڦوني جهڙا ماڻهو،
پهڻ کان ٻي ڪي ته ڏسون ٿا ڳرا ماڻهو.

ڪن جو مقصد لاش لتاڙي ونجي شاهي،
حَقَ جي خاطر ڪن ته قبولي آهه گدائي.

ڪهاڻي ۾ جي ٻيڙيا يارو، سي به ته ماڻهو،
سَرمَد جن آ سچ اَلايو، سي به ته ماڻهو.

سوريءَ تي منصور چڙهي ويو، سو ڀي ماڻهو،
مُرڪي ڪوئي زهر به پي ويو، سو ڀي ماڻهو.

لومبا جي وستيءَ وارا ماڻهو آهن،
آزاديءَ جي جوت جيارا ماڻهو آهن.

غيرت همت عظمت خاطر وڙهندڙ ماڻهو،
ڏاڍائيءَ تي هَرَ هَرَ آڙي ايندڙ ماڻهو.

هوچي منهه جي ڌرتيءَ ڪيڏو رَتُ وهي ٿو!
سو ڀي ڪنهن جي منهن تي آڻي سَچُ چوي ٿو.

هوشو، هيمون، دودو، دريا خان به ماڻهو،
سَيّدُ جيڪو سنڌڙيءَ جو سُومان به ماڻهو.

سچ جو سنگ چَوي هٿ وهه واهه وڄائي ويو آ،
حيدر بخش جتوئي، سو ماڻهو ڳائي ويو آ.

ڌرتيءَ خاطر جو به مري، سو لافاني آهي،
ڌرتيءَ کان جو منهن موڙي، سو مرواني آهي.

چُپ جي چادر جن پٺي پاتي، موهي آهن،
سچ لڪائي ويٺا وَرَ ٻ، ڏوهي آهن.

ڌرتيءَ وارا، ڌرتيءَ خاطر وڙهبو رهجي،
سچ نه ٻوڙهو ٿيندو آهي، چُپبو رهجي.

••••

هاري

سنڌ وطن جا هاري، تنهنجي ڪهڙي سان ساراهه لکان!
تنهنجي همت عظمت يا هي پيٽَ ٻُکن سان ٻاهه لکان.

ساوڻ سيارو، لڳ اگهاڙو، ڌرتي کيڙين کوڙين تون،
ساجهر کان تون سنجها توڙي جوڳ پلاري جوٽين تون،
ڪيئن تون هيڪل هرَ ڏنا يا نانگن سان همراهه لکان.

سيئي ڪي تو سيرَ ڏئي، ڇا ڌرتي کيڙي ريجُ ڏنو،
پنهنجي پگهر جا موتي ميڙي مستقبل کي تيج ڏنو،
پالهي پيٽَ جا پيچَ لکان، يا محنت ڪيئندا لاهه لکان.

تنهنجي پگهر ۾ پيڙا مان، ڇا دُنيا سوني روپي آ!
پر هيءَ ڪنَ ٻُسي جا نياٽي اوگهڙ ۾ ڪنهن اوتي آ؟
تنهنجي گهر جا گهاءَ لکان، يا تو جي آنڌا گاهه لکان.

محنت وارا سورَ صدين کان ڀاڄارين ۾ ٻلجن ٿا،
ماڻهو ڳويٺون جوڙا جاڻون ڌرتيءَ تي پيا ڌڪجن ٿا،
جيءَ جوٺر جي ڪاني ڪاني، سڌڪن جهڙا ساهه لکان.

ڪنول ٻاڙون ٻاتار ۾]

آن ۾ رائو، جهار اوهان جي، ٻهي ٻهي ڪانيائي،
ڇا ڇا ڏرتيءَ ڏَنُ ڏنو، سا ساري تنهنجي وا ڪائي،
ديري ۾ ڪنهن دم ڏنو، سا ممتا ماري آهہ اڪان.

ڪيڙي جيڪو ڪائي آخر، ڌرتي ان جي ٽيڻي آ،
ٽنهنجي پيڙا مستقبل جا چنڊ آپاري اڇڻي آ،
ڏاڻي جهڙو سج صبح جو، روشن ٽيندي راهہ لکان.

سورهيہ سوڍا تو لءِ آخر وقت سونهارو اڇٿو آ،
ڪانئرُ ڪوڙو ٽوٽي آخر مردودن جيئن مرڏو آ،
ڪوڏو وا وا ڪاجُ ڪجان. جو تنهنجي مان وهہ واهہ لکان.

••••

ٻاراڻا گيت

پهريون ٻار –

امڙ، آءٌ وڏيرو ٿيندس،
سڀ کان مڙس مٿيرو ٿيندس.

پنهنجي پيءُ ڏاڏي وانگر،
ميٺيل کنهن وهاڻي وانگر،
کٽ تي ويهي ڏرڙو ماري،
هاري ناري هيٺ ويهاري،
هر کنهن نياڻيءَ کار ڏريندس –
امڙ آءٌ...

پنهنجو سُرخو گهوڙو سنجي،
ويندس تنهن کي کوهن کنجي،
ڪڙمين جو ڪو ننگ نهاري،
ڏمرجي يا ڏاڍُ ڏيکاري،
يا کنهن مانيءَ کپ سهاري،
آخر پنهنجو ڇوهُ ڇنڊيندس –
امڙ آءٌ...

۽ مان ڍيرن تي پئي ويندس،
سارو فصل ڪٽائي ايندس،
ڪوڙا لڪيا ٻاڻ ڪرائي،
مُلي، ميان جون ٽڪيون پائي،
جوڙن وارا قرضي ڪوٺي،
سارا ٻگا تن جي ٻوٿي،
پاڇارين ۾ ٻيج پرنيندس –
امڙ آءُ...

چنن جا جڳن چوڏا چرڪن،
مون ڪان وڏ وڏيرا چرڪن،
جنهن تنهن ڪوڙا ڪيس ڪرائي،
يا ڪا ڪنهن جي لڄ ڪٽائي،
چوڙيون ڏاڙا، وهٽ وڃائي،
مسڪينن جا خون ڪرائي،
سارا ڪڙمي جيل پريندس –
امڙ آءُ...

هر هميشه چونڊون وڙهندس،
سياست خاطر سيڪي ٿيندس،
هرڪنهن در تي ڳارو پائي،
ننڍڙا وڏڙا ٻيهر گهرائي،
جيب ڏڪائي، تيل ڪپائي،
در در ويندس لڙڪ وهائي،
ووٽن خاطر وَهٽ ٻـ، ٿيندس –
امڙ آءُ...

••••

ٻيو ٻار—

امڙ، آءُ تہ هاري ٿيندس،
ساري سنڌَ بهاري ٿيندس.

مان تہ سموريون ٻونگيون ڦيري،
سارا ڪندس ڍنگر ڍيري،
ڇو جو تن مان سيءُ لڳي ٿو،
سارو منهنجو جيءُ ڏکي ٿو،
ٻيڻ ٻہ روئي، ٻاءُ ٻہ روئي،
ابو ٻي ٿو سُور سموئي،
ڏسجان پڪو گهرَ آڏيندس —
امڙ آءُ ...

ساري وڏيري واري ٻني،
منهنجي ٿيندي جيئن ڪا وَني،
پو مان سارا ڪُڙمي ميڙي،
گِهلي ايندس پنهنجي ويڙهي،
ڳڏجي ٻو هو جاتَ جهليندا،
سارا خالي ٻاتَ ٻريندا،
هر گهر ۾ مان آنُ ڏريندس —
امڙ آءُ ...

پنهنجيءَ مرندڙ ماءُ کي آٿي ،
۽ انگ اگهاڙي ٻاءُ کي آٿي ،
ڪپڙو ڏيندس درمل دارون ،
تن جون لهندس سڀ سنڀارون ،
ڪو جي ڪنهن جي لَڄَ ٽڪيندو ،
ٻِل جي خان وڏيرو ايندو ،
هِنَ ڪهاڙيءَ ڪنڌ وڍيندس —
امڙ آءٌ ...

پو جيئن تون ٿي ڏُڏُ واوڙين ،
يا جيئن پنهنجا وِڳر ٿي ووڙين ،
ٻاڇارين سان ٻُڄَ ڪِڍي، مان ،
ميڪنهن ٻونگي سُڄَ ڪڍي، مان
غيرت وارا عظمت وارا ،
ووڙي ايندس همت وارا ،
گڏجي نئون ڪو ٻجُ ڇنيندس —
امڙ آءٌ ...

پو مان سارو ڳاڙهو ٿيندس ،
جيئن ڪو مانُ سنگهارو ٿيندس ،
ٻو جي منهنجا نيڻ ڏسي ڪو ،
تن ۾ ڪيئي ويڻ ڏسي ڪو ،
لک ڪروڙين ڏاڏا ڏاڏا ،
هر ڪنهن جا چڻ ڳهرا ڳاڏا ،
هرڪو ڏاڏيان هيئن چوي ٻو ،

ٻانهون اوڏي جيڏن ڇوي ٻيو،
هاڻي ڌرتيءَ ڌَڙَ ڌريندس،
هرڪنهن گهر مان لاڏا ايندا،
سارا مَڏَ ٻڙاڏا ٿيندا —
هاري ٿيندس، هاري ٿيندس.

••••

دستور

اسان کان پڇن ٿا ته دستور ڇا هي؟
اسان کين سمجهون ته مذڪور ڇا هي!

اسان کين سمجهون ته ڇاڇا لکن پيا،
اسان کين ڇاڻون ته ڇاڇا چون پيا.

نڪي هي اسان لاءِ ٺهيو آ نه ٺهندو،
اسان جو اِنهيءَ ۾ نڪي ڏُول ڇمنو.

نڪي قوميت هون نڪي قوم آهيون،
اسان لاءِ چون ٿا بصر ٿُوم آهيون.

اسان جي وطن جو ته ذلو به ڪونهي،
اسان جو هرچو جمالو به ڪونهي.

فقط ڳالهه هڪڙي هميشه جيان آ،
جو ڏاڍو سو ڳابو اچا ٻي عيان آ.

آزاد نظم

او صبح!
ڇو نہ تو اُپرين اڇا؟
رات جو هي روحُ ڪارو
منهنجي الفت جو وٺي تو امتحانُ،
۽ پنهنجي ڇاتيءَ کي
حياتيءَ مماتيءَ کي
ڪري تو ويڪرو
اڳيرو ئي اڳيرو،
جيستائين
خاموشيءَ جي رڙ
ائين جيئن ڪا الهڙ
آسمانن کي
زمانن کي
چيري ڦاڙي
لَڪَ لتاڙي
نڪري پوي
۽ پوءِ ڪجهہ پي نہ چئي.
جيئن ستارا
بيگناهہ جي خون وانگي—

او صبح !
ڪجھ تہ ڪُڇ
يا ڪا چوڻي
ڪٿان تہ ڪَڍُ !
تو ساڻ منهنجو
اهڙو آهي پيارُ
جيئن ڪنهن ڪنواريءَ جو
ڦھريون ڦھريون،
اکڙين ۾ ريل،
مُرڪَن وتل
انتظار—
اهڙو ئي معصوم،
جهڙو ڪنهن ٻارڙي جو
گهڙيءَ ڪنڊ ۾ ٿهڪ —
اهڙو ئي سچو، منو ۽ اڻٽڪ
جيئن ڪا مامتا جي ڇمي —
••••

ڀلنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۳	۴	هائو	هاءِ
۴	۶	ٻاهرئين	ٻاهر
۴	۹	آلوپ	آلاپ
۸	۱۲	هئو تہ	هو
۹	۹	چوائيئدي	چوائيندي
۹	۹	آءُ	آءٌ
۱۰	۱۲	وقت اسان.	وقت. اسان
۱۱	۲۳	روب	روپ
۱۲	۱۹	ستان	هتان
۱۲	۲۵	اسپتالن	اسپتالن
۲۳	۱	جهوري	جهُري
۳۲	۸	آٽيو	اوٽيو
۳۴	۹	گنگهرو	گهنگهرو
۳۴	۱۵	ڏارون ڏارون	ڏارون
۳۹	۱۹	جسين	جيسين
۴۷	۷	سُرڪي	سُرڪي
۴۷	۱۱	ڇئي	ڇَسي
۴۸	۳	ڪنڊيون	ڪنڌيون
۴۸	۴	تهنين	تنهن
۵۲	۱۲	جهي	جا
۵۲	۱۶	يار	ٻار
۵۶	۷	قصائي	قصا ئي
۵۶	۷	ڪهها	ڪهنا

SOORIH SINDHI ADAB

٥٦	٩	ٻاڄهارن	ٻاڄهارن
٦٥	٤	ڏيُ	ڏُڏ
٧٢	٢	نهت	تنهن
٧٣	٨	چٽا	چٽيا
٧٩	٧	چنڊن	چنڊن
٨٠	٨	سرفروش	سرفروشن
٨٠	آخري	ڪنڌڙيو	ڪنڌڙيون
٨١	آخر ۾	آگسٽ ١٩[illegible]ع	آگسٽ ١٩٧٠ع
٨٥	٤	ڳجهه	ڳجهه
٨٥	٩	ٽي	پي
٨٧	١١	ٽا	چا

SOORIH SINDHI ADAB



فتاح ملڪ ۱۹۳۹ع جي مارچ مهيني جي چوٿين تاريخ
سکر ضلعي جي شهر پني عاقل ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم به اتي
ئي پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. ميٽرڪ جو امتحان
۱۹۵۶ع ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين
بي.اي ۱۹۶۱ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر مان ۽ ۱۹۶۳ع
۾ حيدرآباد لا ڪاليج مان L L. B جو امتحان پاس ڪري
سکر ۾ وڪالت شروع ڪيائين، ۽ اڄ تائين اتي آباد آهي
پاڻ سکر جي لا ڪاليج ۾ پروفيسر به آهي.

فتاح شاعري، اسڪول جي زماني کان شروع ڪئي. سندس
شعر ۱۹۶۱ع کان رسالن ۾ ڇپجڻ لڳو. پاڻ ۱۹۵۵ع کان
سنڌي ادبي سنگت سان وابسته آهي.

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani